جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | ڇنڇر 11 اپريل 2026ع بمطابق 22 شوال المڪرم 1447هه | قيمت: 20 | شمارو 185

وڏي وزير مراد علي شاهه ڪراچي سيف سٽي فيز 2 جي منظوري ڏئي ڇڏي

جيڪو شهر ۾ شهري سيڪيورٽي، نگراني ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي صلاحيت کي مضبوط ڪرڻ طرف هڪ اهم قدم آهي جنهن تحت 2300 کان وڌيڪ سمارٽ ڪيمرائون ۽ جديد مانيٽرنگ انفراسٽرڪچر لڳايو ويندو

جديد ٽيڪنالاجي ذريعي عوامي تحفظ کي يقيني بڻائڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي، منصوبي جي ٻئي مرحلي ۾ 2314 سمارٽ نگراني ڪيمرائون لڳائڻ جو ارادو ڪيو ويو

1300 آٽوميٽڪ نمبر پليٽ ريڪگنيشن (ANPR) ۽ چهري جي سڃاڻپ (facial recognition) سان ليس، 80 ٽريفڪ جي نفاذ لاءِ، 56 موبائل نگراني يونٽ، ۽ 8 ٽريفڪ سگنل مانيٽرنگ لاءِ وقف ڪيون ويون آهن

اهي ڪيمرائون ڪراچي جي ضلعن ۾ لڳايون وينديون، جن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪوريج ضلعو ڏکڻ (322 ڪيمرائون)، ان کان پوءِ اوير (220)، ڪورنگي (27)، ڪيماڙي (17)، ملير (16)، ۽ اولهه (1) ۾ هوندي

جنهن سان شهر جي نگراني جو نيٽ ورڪ ڪافي حد تائين وسيع ٿي ويندو. هي منصوبو جنهن جي اندازي مطابق لاڳت تقريبن 9.98 ارب رپيا آهي، 12 مهينن اندر مڪمل ٿيڻ جو امڪان آهي

جنهن تي ڪم مئي 2026 ۾ شروع ٿيڻ جي اميد آهي. انفراسٽرڪچر جي حصن ۾ نو پوائنٽس آف پريزنس (PoP) سائيٽون شامل آهن جيڪي سولر ۽ جنريٽر بيڪ اپ سان ليس آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪراچي سيف سٽي پروجيڪٽ جي ٻئي مرحلي (فيس-II) جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جيڪو شهر ۾ شهري سيڪيورٽي، نگراني ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي صلاحيت کي مضبوط ڪرڻ طرف هڪ اهم قدم آهي جنهن تحت 2300 کان وڌيڪ سمارٽ ڪيمرائون ۽ جديد مانيٽرنگ انفراسٽرڪچر لڳايو ويندو. وزيراعليٰ هائوس ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

قرض وٺڻ سان هر پاڪستاني اٽڪل 4 لکن جو قرضي ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان قرض وٺڻ سان هر پاڪستاني اٽڪل 4 لکن جو قرضي ٿي ويو آهي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

آمريڪا سان جنگ نه ٿا چاهيون : ايراني سپريم ليڊر

تهران (م د) ايران جي نئين سپريم ليڊر مجتبيٰ خامنه اي تازي لکت بيان ۾ چيو آهي ته ان جو ملڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

پاڪستان جي ميزباني هيٺ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهيون اڄ ٿينديون، ايران پاران لبنان ۾ جنگ بند نه ٿيڻ تائين وفد نه موڪلڻ جو اعلان

آمريڪا ۽ ايران جي جنگ بندي کان پوءِ، پاڪستان دنيا جي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويو آهي، پاڪستان جي ميزباني هيٺ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهيون اڄ ۽ سڀاڻي اسلام آباد ۾ ٿينديون

آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس، آمريڪي مذاڪرات ڪندڙ اسٽيو وٽڪوف ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو ناٺي جيريڊ ڪشنر پاڪستان ايندا

ايران جي نمائندگي پرڏيهي وزير عباس عراقچي ۽ ايراني پارليامينٽ جو اسپيڪر باقر قاليباف ڪندا. وزيراعظم شهباز شريف ڳالهين جي جڳهه جو دورو ڪيو جتي هن سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو

ايراني اختيارين پاڪستان کي پيغام پهچايو آهي ته جيستائين لبنان ۾ جنگ بند نه ٿيندي اوستائين وفد نه موڪليندا سين: ايراني نيوز ويب سائيٽ جي دعويٰ

لبنان ۾ جنگبندي ۽ ايران جا روڪيل اثاثا آزاد ڪرڻ لازمي آهي، "ان کان اڳ جو ڳالهيون شروع ٿيڻ اهي ٻئي قدم ڏرين وچ ۾ طئي ٿيا هئا، پر "اڃا تائين انهن تي عمل نه ٿيو آهي: محمد باقر قاليباف

ايران سان امن معاهدي بابت تمام گهڻو پراميد آهي، ايراني اڳواڻ تمام معقول آهن. پر جيڪڏهن ڪو معاهدو نه ٿيو ته اهو تمام ڏکوئيندڙ هوندو: آمريڪي صدر

اسلام آباد (بيورو) آمريڪا ۽ ايران جي جنگ بندي کان پوءِ، پاڪستان دنيا جي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويو آهي. پاڪستان جي ميزباني هيٺ ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ ڳالهيون اڄ ۽ سڀاڻي اسلام آباد ۾ ٿينديون. ذريعن موجب، وفد جي سطح تي ڳالهيون اڄ ٿينديون ۽ مڪيه اسٽيج چنچر تي ٿيندو. آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس، آمريڪي مذاڪرات ڪندڙ اسٽيو وٽڪوف ۽ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

وزيراعظم طرفان ڊيزل جي قيمت ۾ 135 رپيا ۽ پيٽرول جي قيمت ۾ 12 رپيا گهٽتائي جو اعلان

اڄ مان هڪ تاريخي موقعي تي ڳالهائي رهيو آهيان. اڄ الله جي فضل سان خليج ۾ ڪا جنگ ناهي، امن جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن: شهباز شريف

اڄ الله جي فضل سان خليج ۾ ڪا جنگ ناهي، امن جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. اڄ، ڌريون ڳالهيون ڪرڻ تي متفق ٿيون آهن.

ٻنهي ملڪن منهنجي تجويز کي قبول ڪيو ۽ نه رڳو عارضي جنگ بندي تي اتفاق ڪيو پر منهنجي مخلص دعوت تي ٻنهي ملڪن جي قيادت اسلام آباد اچي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف ڊيزل جي قيمت ۾ 135 رپيا ۽ پيٽرول جي قيمت ۾ 12 /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

لبنان تي اسرائيلي بمباري جنگبندي ڪوشش کي بي معنيٰ بڻائي ڇڏيندي: ايراني صدر

ايراني صدر شهيد آيت الله علي خامنه اي جي چاليهي واري جلوس ۾ شرڪت ڪئي

لبنان تي حملا جنگبندي ڳالهين کي بي معنيٰ بڻائي ڇڏيندا، ايران لبناني عوام کي اڪيلو نه ڇڏيندو

تهران (م د) ايراني صدر شهيد آيت الله علي خامنه ا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ايران جو آبناءِ هرمز تي مڪمل ڪنٽرول لاءِ عمان سان اهم معاهدي تي غور

حڪومت آبناءِ هرمز جي سيڪيورٽي بابت عمان سان معاهدي تي صحيح ڪري سگهي ٿي

آبناءِ هرمز تي ڪنٽرول ايراني عوام جي حقن جي بنياد تي قائم آهي

تهران (م د) ايراني پارلياماني نيشنل سيڪيورٽي ڪميشن جي سربراهه جو چوڻ آهي ته حڪومت آبناءِ هرمز جي سيڪيورٽي بابت عمان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ڀارت کي لبنان ۾ اسرائيلي حملن ۽ وڏي انگ ۾ شهادتن تي ڳڻتي

نئين دهلي (م د) ڀارت لبنان ۾ اسرائيلي حملن جي نتيجي ۾ وڏي انگ ۾ شهادتن تي ڳڻتيءَ جو ا /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ايراني نار مان گذرندڙ جهازن تي پابندي يا ٽيڪس برداشت نه ڪندا سين: برطانوي وزيراعظم

هي اهم آبي لنگهه دنيا جي لڳ ڀڳ 20 سيڪڙو تيل ۽ گيس جي فراهمي جو مرڪز آهي

لنڊن (م د) برطانوي وزيراعظم ڪيئر اسٽارمر چيو آهي ته ايراني نار مان گذرندڙ جهازن تي ڪنهن به قسم جي پابندي يا ٽيڪس برداشت نه ڪندا سين /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

نوبيل انعام ڀهرين ترجيح ناهي، امن جي بحالي اسان جو مقصد آهي: بلاول ڀٽو

عالمي برادري وٽ "پلان بي" جي گنجائش ناهي، اسان کي هر صورت ۾ 'پلان اي' يعني امن کي ئي ڪامياب بڻائڻو پوندو

هن جنگ جا نتيجا دنيا لاءِ تباهه ڪندڙ ٿي سگهن ٿا، تازي تڪرار سبب انساني جانين جي زيان ۽ عالمي معيشت تي به اثر پئجي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري نوبيل امن انعام جي نامزدگ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهيون پاڪستان لاءِ وڏي ڪاميابي آهن: احسن اقبال

جيڪڏهن ڳالهين ذريعي جنگ بندي کي وڌيڪ وڌايو وڃي ته اها هڪ وڏي ڪاميابي هوندي

هي پاڪستان جي 78 سالن جي تاريخ جو سڀ کان اهم موقعو آهي. فيلڊ مارشل سڄي رات جاڳندو رهيو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته پاڪستان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڪراچي: پاڪ بحريه پاران تجارتي بحري جهاز ايم وي گولڊ آئر ۾ هنگامي سگنل ملڻ بعد ريسڪيو ڪيو پيو وڃي

پاڪستان جو آئين 1973 قوم جي متفقه دانشمندي، جمهوري جدوجهد ۽ وفاقي اتحاد جي علامت آهي: شرجيل انعام ميمڻ

آئين جو ڏينهن آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ اسان جي ڪوشش کي جاري رکڻ جي عزم جو ڏينهن آهي

شهيد عوامي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽو قوم کي هڪ متحد آئين ڏنو، جيڪو اڄ به ملڪ جي جمهوري بنيادن کي مضبوط ڪري ٿو

شهيد ڀٽو جي سياسي بصيرت، دلير قيادت ۽ عوامي خدمت کي هميشه ياد رکيو ويندو. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته پاڪستان جو آئين 1973 قوم جي متفقه دانشمندي، جمهوري جدوجهد ۽ وفاقي اتحاد جي علامت آهي. آئين جو ڏينهن آئين ۽ قانون جي بالادستي ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ اسان جي ڪوشش کي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ڪراچي: سنڌ حڪومت جي ترجمان سيده تحسين عابدي ۽ ايس ايس پي ٽريفڪ سينٽرل آفيسرن کي ترقيا جا بيج لڳائي رهيا آهن

"پاڪستاني معيشت ۾ هوريان هوريان بهتري اچي پئي، پر خطرا اڃا ٽريا ناهن": ايشيائي ترقياتي بينڪ

هلندڙ مالي سال ۾ اوسرواري شرح 3.5 سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي ايندڙ مالي سال ۾ اها وڌي 4.5 سيڪڙو تائين وڃي سگهي ٿي

وچ اوڀر جي ڇڪتاڻ سبب مهانگائي ۽ معيشت تي دٻاءُ وڌڻ جو خدشو آهي، مالي سال 2026 ۾ مهانگائي 6.4 سيڪڙو ۽ 2027 ۾ 6.5 سيڪڙو تائين ٿي سگهي ٿي

تيل ۽ گيس جي اگهن ۾ واڌ وڏي خطري طور سامهون آئي آهي، ٻاهرين جهٽڪن کي منهن ڏيڻ لاءِ سڌارا جاري رکڻ ضروري آهن

منيلا (م د) ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاڪستان جي معاشي صورتحال بابت رپورٽ جاري ڪري ڇڏي. اي ڊي بي موجب، پاڪستاني معيشت ۾ هوريان هوريان بهتري اچي رهي آهي پر خطرا اڃا به موجود آهن. رپورٽ موجب، هلندڙ مالي سال ۾ اوسر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو اجلاس جي صدارت ڪندي

وفاقي ڳٽپ ڪاتي مهانگائي بابت هفتيوار رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

ملڪ ۾ هفتيوار مهانگائي ۾ 1.93 سيڪڙو واڌارو ٿيو ۽ مهانگائي جي مجموعي ساليانو شرح ڊبل ڊيجيٽ ۾ 12.15 سيڪڙو تي وئي

8 شيون سستيون ۽ 15 جون قيمتون مستحڪم رهيون هڪ هفتي دوران ڊيزل 54.71 ۽ پيٽرول 17.86 سيڪڙو مهانگو ٿيو

ايل پي جي اگهن ۾ 8.61 سيڪڙو واڌ ٿي هڪ هفتي دوران ٽماٽا 9.35، ڀٽاٽا 4.13، بصر 3.84 ۽ آنا 3.77 سيڪڙو مهانگا ٿيا

اسلام آباد (بيورو) وفاقي ڳٽپ ڪاتي مهانگائي بابت هفتيوار رپورٽ جاري ڪري ڇڏي جاري ڪيل رپورٽ موجب، ملڪ ۾ هفتيوار مهانگائي ۾ 1.93 سيڪڙو واڌارو ٿيو ۽ مهانگائي جي مجموعي ساليانو شرح ڊبل ڊيجيٽ ۾ 12.15 سيڪڙو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

آمريڪا جو ايران جنگ مان نڪرڻ جو فيصلو؟ ٽرمپ نائب صدر کي اهم هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ نائب صدر جي ڊي وينس کي ايران جنگ مان نڪرڻ جو رستو ڳولڻ جي هدايت ڪئي

جي ڊي وينس کي ڊگهي عرصي کان پرڏيهي فوجي مداخلتن بابت شڪ شبهن رهيا آهن

ڪنهن ڪليل ۽ اڻ ڄاتل مدي واري جنگ ۾ آمريڪي فوج موڪلڻ جي امڪان تي ڪليل نموني ڳالهائيندو رهيو آهي

لنڊن (م د) آمريڪي صدر ٽرمپ جي ڊي وينس کي ايران جنگ مان نڪرڻ جو رستو ڳولڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. برطانوي رسالي ڊيلي ميل جي رپورٽ موجب، آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ نائب صدر جي ڊي وينس کي ايران جنگ مان نڪرڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

پي ايس ايڪس ۾ تيزي، 100 انڊيڪس 1900 پوائنٽن جي واڌ

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ واپاري هفتي جي آخري ڏينهن تي ريلي نظر اچي رهي آهي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 1.17 سيڪڙو جي واڌ سان 167,449 پوائنٽس جي سطح تي آهي

ڪراچي (رپورٽر) وچ اوڀر ۾ جنگ بندي کان پوءِ، پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ به واپار دوران زبردست ريلي نظر اچي رهي آهي. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ لاڳو 13 معاهدن جا تفصيل پارليامينٽ ۾ پيش ڪيا ويا

ڀارت سنڌ طاس معاهدو، مذهبي ماڳن تي سهولتن جي فراهمي، پانڌيئڙن ۽ ويزا سهولتن بابت معاهدن تي عمل نه پيو ڪري

پاڻي جي ورڇ لاءِ ٻنهي ملڪن وچ ۾ 19 سيپٽمبر 1960 تي سنڌ طاس معاهدو ٿيو

ٻنهي ملڪن وچ ۾ تڪرارن جي پرامن حل لاءِ 2 جولاءِ 1972 تي شملا معاهدو طئي ٿيو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ لاڳو 13 معاهدن جا تفصيل پارليامينٽ ۾ پيش ڪيا ويا، جڏهن ته پاڪستان ڀارت تي 13 مان 4 معاهدن تي عمل نه ڪرڻ جو الزام لڳايو آهي. پرڏيهي ڪاتي جي رپورٽ موجب، ڀارت سنڌ طاس معاهدو، مذهبي ماڳن تي سهولتن جي فراهمي، پانڌيئڙن ۽ ويزا سهولتن بابت معاهدن تي عمل نه پيو ڪري. پاڻي جي ورڇ لاءِ ٻنهي ملڪن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ڪراچي ۾ اڄ کان ميٽرڪ جا امتحان شروع

بورڊ اڃا تائين امتحاني مرڪز تبديل ڪري رهيو آهي، غير يقيني صورتحال سبب شاگرد ۽ والدين پريشان آهن

داخلا ڪارڊ تي درج امتحاني مرڪز امتحانن کان هڪ ڏينهن اڳ تبديل ڪيا ويا هئا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ميٽرڪ جا امتحان اڄ کان شروع ٿي رهيا آهن، پر بورڊ اڃا تائين امتحاني مرڪز تبديل ڪري رهيو آهي، غير يقيني /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ٻن عورتن سان زيادتي جي واقعن بابت درخواست تي قانون ۽ انصاف واري سيڪريٽري ۽ ڊي جي نادرا کي نوٽس جاري ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ٻن عورتن سان زيادتي جي واقعن بابت اينٽي ريپ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڪراچي ۾ ڌاڙيلن کي هٿيار ڪرائي تي ڏيڻ جي الزام ۾ 1 شخص گرفتار

هڪ شخص کي گرفتار ڪيو جيڪو ڊڪيٽر گروپن کي هٿيار ڪرائي تي ڏئي رهيو هو

آپريشن دوران، ڊڪيٽر گروپ جي سهولتڪاري ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ اقبال مارڪيٽ ۾ ڪارروائي ڪئي ۽ هڪ شخص کي گرفتار ڪيو جيڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

پاڪستان عالمي سطح تي امن، استحڪام ۽ موثر سفارتڪاري جي علامت بڻجي چڪو: ناصر حسين شاهه

پاڪستان هميشه زنده باد جو نعرو عالمي سطح تي مضبوط نموني سان اڀري رهيو آهي

سيد ناصر حسين شاهه ايڪسپو ۾ قائم مختلف صنعتي ۽ واپاري اسٽالن جو دورو ڪيو

صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي گڏيل ڪوشش سان ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام کي فروغ مليو آهي

پاڪستان پاران امن جي قيام لاءِ ڪيل ڪوششون عالمي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکن ٿيون

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير بلديات، هائوسنگ اينڊ ٽائون پلاننگ سنڌ سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته اڄ سڄي دنيا ۾ "شاباش پاڪستان" جون صدائون گونجي رهيون آهن ۽ پاڪستان سفارتڪاري جو سلطان، امن جو سڃاڻپ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ڪراچي ۾ گرمي پد وڌيڪ رهڻ جو امڪان

شهر ۾ وڌ ۾ وڌ گرمي پد 34 کان 36 ڊگري سينٽي گريڊ جي وچ ۾ رهڻ جو امڪان

شهر ۾ هوا ۾ نمي جو تناسب 80 سيڪڙو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ڏينهن جو گرمي پد وڌيڪ رهڻ جو امڪان آهي، موسميات ڪاتي موجب، شهر ۾ وڌ ۾ وڌ گرمي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي ۾ احفاظ الرحمان ايوارڊ جي باوقار تقريب، جرئت جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي ۾ احفاظ الرحمان ايوارڊ جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڪراچي: صوبائي وزير ناصر شاهه تقريب کي خطاب ڪندي

پنجاب جو اڳوڻو گورنر سردار ذوالفقار کوسا لاڏاڻو ڪري ويو

ذوالفقار کوسا ڪجهه عرصي کان لاهور جي هڪ اسپتال ۾ علاج هيٺ هو

سنڌس عمر 90 سال هئي ذوالفقار کوسا ڀهريون ڀيرو 1962 ۾ پنجاب اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو

ڊي جي خان (م د) پنجاب جو اڳوڻو گورنر سردار ذوالفقار کوسا لاهور ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سنڌس خاندان موجب، ذوالفقار کوسا ڪجهه عرصي کان لاه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ڀارتي تجزيه ڪارن جو جنگبندي ۾ پاڪستان جي ڪردار جو اعتراف

نئين دهلي (م د) ڀارتي تجزيه ڪارن اسرائيل آمريڪا ۽ ايران جنگبندي ۾ پاڪستان جي ڪردار /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

عوام دوست منڊي جو مارشلنگ ايريا ايڪٽيو، سمورا بلاڪ کولي ڇڏيا ويا

سفير ۽ گولڊن ڪانپوءِ جنرل بلاڪ به کولي ڇڏيا آهن، ايڊمنسٽريٽر طارق تنولي

ڪراچي جي علائقن گڏاپ ۽ ڪورنگي تائين جا بيوپاري پنهنجا جانور ڪٽي منڊي پهچڻ شروع ٿي ويا آهن

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ناردرن بائي پاس تي قائم "عوام دوست مويشي منڊي" جو مارشلنگ ايريا مڪمل طور تي ايڪٽيو ٿي ويو آهي، جنهن ڪانپو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

پاڪ-چين دوستي هماليه جي چوٽين کان مٿانهين ۽ سمنڊ جي گهرائين کان به وڌيڪ وڏي آهي: نهال هاشمي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي چيو آهي ته پاڪ-چين دوستي هماليه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

امارات جا 2 ارب ڊالر وٺڻ جي صورت ۾ متبادل حل ڏئي ڇڏيو آهي: اپٽما جو چيئرمين

صنعتڪار به ارب ڊالر جو فنڊ بڻائي اسٽيٽ بينڪ کي جمع ڪرائڻ تي غور ڪري رهيو آهي

اسان حڪومت سان گڏ بيٺا آهيون ڪو مسئلو ٿيڻ نه ڏينداسين

ڪراچي (رپورٽر) آل پاڪستان ٽيڪسٽائل ملز ايسوسيئشن اپٽما جي چيئرمين ڪامران ارشد چيو آهي ته گڏيل عرب امارات پاران 2 ارب ڊالر واپس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

ڪراچي: پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار ٿيل جوابدارن جو ڏيک

پارٽي قيادت عورتن کي ترقي ڏيڻ ۽ ادارن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي: تحسين عابدي

سنڌ حڪومت جي ترجمان سيده تحسين عابدي خاص مهمان طور تقريب ۾ شرڪت

اهڙا واقعا آفيسرن جو حوصلو وڌائين ٿا ۽ انهن جي ڪارڪردگي بهتر ڪن ٿا

تقريب دوران، تازو ترقي يافته آفيسرن ۽ اهلڪارن کي باضابطه طور تي انهن جا انويسٽيچر بيج پيش ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي: سنڌ حڪومت جي ترجمان سيده تحسين عابدي ايس ايس پي قمر رضوي جي دعوت تي ايس ايس پي ٽريفڪ سينٽرل آفيس، ناظم آباد، ڪراچي ۾ منعقد ٿيل اعزازي تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني عوامي سوچ ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

ڇنڇر 11 اپريل 2026ع بمطابق 22 شوال المڪرم 1447هه

وزيراعظم صاحب! مهانگائي کي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کڻو

وزيراعظم صاحب! آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ توهان جي سفارتڪاريءَ کي ساراهيو پيو وڃي، ۽ اهو يقيناً هڪ مثبت قدم آهي ته خطي کي جنگ جي باهه کان بچائڻ لاءِ پاڪستان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو پر سوال اهو آهي ته ڇا رڳو عالمي سطح تي امن قائم ڪرڻ ئي ڪافي آهي؟ ڇا ملڪ جي اندر وڌندڙ معاشي بحران، مهانگائيءَ جي طوفان ۽ عام ماڻهوءَ جي مشڪلاتن ڏانهن ڌيان ڏيڻ ضروري ناهي؟ اڄ ملڪ جو عام شهري پاڻ کي هڪ ٻي جنگ ۾ ڦاٿل محسوس ڪري رهيو آهي اها جنگ گولين يا بارود جي نه، پر مهانگائي، بيروزگاري ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ جي آهي.

حقيقت اها آهي ته جڏهن عالمي سطح تي جنگ بندي ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ٿي رهيون آهن، تڏهن ملڪ اندر عوام مٿان مهانگائي جا جنگي بم اڇلايا پيا وڃن. روزمره جي ضرورتن جون شيون، جيڪي اڳ ئي عام ماڻهوءَ جي پهچ کان پري ٿي چڪيون هيون، هاڻي وڌيڪ مهانگيون ٿي ويون آهن. اٽو، کنڊ، گيهه، ڀاڄيون، گوشت هر شيءِ جي قيمت ۾ اهڙو اضافو ٿيو آهي، جيڪو عام مزدور ۽ وچولي طبقي لاءِ برداشت کان ٻاهر ٿي ويو آهي.

وزيراعظم صاحب، توهان جي حڪومت پاران شروع ڪيل آن لائين سبسڊي پروگرام کي عوام وڏي اميد سان ڏٺو هو، پر افسوس جو اهو نظام عملي طور تي عوام تائين ڪو خاص رليف پهچائڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهيو آهي. اهو رڳو لالي پاپ بڻجي ويو آهي هڪ اهڙو واعدو، جيڪو نظر ته اچي ٿو، پر هٿ نٿو اچي. آن لائين سبسڊي لاءِ پيچيده رجسٽريشن، ٽيڪنالاجي تائين محدود رسائي، ۽ شفافيت جي کوٽ سبب حقيقي مستحق ماڻهن تائين اهو فائدو نه ٿو پهچي. ملڪ جي وڏي آبادي اڃا تائين ڊجيٽل سهولتن کان محروم آهي. ڳوٺاڻن علائقن ۾ انٽرنيٽ جي رسائي محدود آهي، ۽ ڪيترائي ماڻهو آن لائين سسٽم کي استعمال ڪرڻ جي صلاحيت نٿا رکن. اهڙي صورتحال ۾ آن لائين سبسڊي جو تصور، جيڪو تقريرن ۾ ته سٺو لڳي ٿو، عملي طور تي ناڪام ٿي رهيو آهي. حڪومت کي اهو سمجهڻ گهرجي ته پاليسيون ٺاهڻ وقت زميني حقيقتن کي نظر ۾ رکڻ ضروري آهي.

ٻئي طرف، صحت جي شعبي ۾ به صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي ٿي چڪي آهي. زندگيون بچائيندڙ دوائون، جيڪي هر انسان لاءِ بنيادي ضرورت آهن، انهن جون قيمتون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن. هڪ عام مريض لاءِ مهانگيون دوائون خريدڻ ناممڪن بڻجي ويو آهي. اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ، خانگي اسپتالن جا مهانگا خرچ، ۽ سرڪاري نظام جي ڪمزوري عوام کي مجبور ڪري رهي آهي ته هو يا ته قرض وٺي علاج ڪرائين يا پوءِ بيماري سان وڙهندي زندگي وڃائي ويهن.

ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا به عوام لاءِ هڪ وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي. ڀاڙا وڌڻ سبب روزانو ڪم تي ويندڙ ماڻهن جي آمدني جو وڏو حصو صرف سفر تي خرچ ٿي رهيو آهي. خاص طور تي مزدور طبقي لاءِ، جيڪو اڳ ئي محدود آمدني تي گذارو ڪري ٿو. پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ اضافي جو سڌو اثر پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ پوءِ هر شيءِ جي قيمت تي پوي ٿو، جنهن سان مهانگائيءَ جو هڪ نه ختم ٿيندڙ چڪر شروع ٿي وڃي ٿو.

بجلي ۽ گيس جا اگهه پڻ عوام لاءِ هڪ وڏو عذاب بڻجي چڪا آهن. هر مهيني ايندڙ بجليءَ جا بل ماڻهن لاءِ هڪ نئين پريشاني بڻجي وڃن ٿا. يونٽ جي قيمت ۾ واڌ، فيول ايڊجسٽمينٽ چارجز، ۽ ٻين اضافي ٽيڪسن سبب بلن ۾ اهڙو اضافو ٿئي ٿو، جيڪو عام ماڻهوءَ جي وس کان ٻاهر آهي. گيس جي کوٽ ۽ لوڊشيڊنگ به زندگيءَ کي وڌيڪ مشڪل بڻائي رهي آهي.

وزيراعظم صاحب، سوال اهو آهي ته آخر هن صورتحال جو ذميوار ڪير آهي؟ ڇا اهو رڳو عالمي جنگي حالتن جو نتيجو آهي، يا ملڪ اندر پاليسين جي ناڪامي به ان ۾ برابر جي شريڪ آهي؟ يقيناً عالمي سطح تي تيل جي قيمتن ۾ واڌ ۽ ٻين معاشي چيلنجن جو اثر پاڪستان تي به پوي ٿو پر ان سان گڏوگڏ اندروني انتظامي ڪمزوريون، ڪرپشن، ۽ غير مؤثر پاليسيون به هن بحران کي وڌيڪ سنگين بڻائي رهيون آهن. حڪومت جو بنيادي فرض آهي ته هو عوام کي رليف فراهم ڪري، نه ته انهن تي وڌيڪ بار وجهي. جيڪڏهن سبسڊي ڏيڻ جو اعلان ڪيو وڃي، ته اهو يقيني بڻايو وڃي ته اهو حقيقي مستحق ماڻهن تائين پهچي. جيڪڏهن قيمتن ۾ واڌ ضروري آهي، ته ان سان گڏ عوام کي متبادل رليف به فراهم ڪيو وڃي. صرف اعلان ڪرڻ سان مسئلا حل نٿا ٿين عمل ڪرڻ ضروري آهي.

ان سلسلي ۾ حڪومت کي ڪجهه اهم قدم کڻڻ گهرجن. سڀ کان پهرين، آن لائين سبسڊي سسٽم کي سادو ۽ تڪڙو بڻايو وڃي، جيئن هر ماڻهو آساني سان ان مان فائدو وٺي سگهي. ٻيو، دوائن جي قيمتن تي ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ صحت جي شعبي ۾ سڌارا آندا وڃن. ٽيون، ٽرانسپورٽ ۽ توانائي جي شعبي ۾ پاليسيون اهڙيون هجن، جيڪي عوام لاءِ برداشت لائق هجن. ان کان علاوه، حڪومت کي مارڪيٽ ۾ ناجائز منافع خوريءَ خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻي پوندي. ڪيترائي واپاري مصنوعي کوٽ پيدا ڪري قيمتون وڌائين ٿا، جنهن سان عوام کي وڌيڪ نقصان ٿئي ٿو اهڙن عنصرن خلاف سخت قدم کڻڻ ضروري آهي.

اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت عوام جي آواز کي ٻڌي، انهن جي مسئلن کي سمجهي، ۽ فوري طور تي عملي قدم کڻي. مهانگائيءَ جي هن طوفان کي روڪڻ لاءِ سنجيده ۽ مؤثر پاليسين جي ضرورت آهي. ٻي صورت ۾، عوام جو اعتماد ختم ٿيندو، ۽ اهو ڪنهن به حڪومت لاءِ سڀ کان وڏو نقصان هوندو، سو اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته جيئن توهان عالمي سطح تي جنگ بندي ڪرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو، تيئن ئي ملڪ اندر مهانگائيءَ جي بمباري کي به ختم ڪرڻ لاءِ قدم کڻو. ڇو ته حقيقي ڪاميابي تڏهن آهي، جڏهن عوام خوشحال هجي، مطمئن هجي، ۽ پنهنجي زندگيءَ کي سڪون سان گذاري سگهي. هي وقت آهي فيصلو ڪندڙ قدم کڻڻ جو ڇا حڪومت عوام کي رليف ڏيندي، يا اهي جنگي بم وڌيڪ شدت سان انهن زندگين کي تباهه ۽ برباد ڪندا رهندا؟

سياسي وفادارين جي تبديلي: سبب، نقصان ۽ نظرياتي بحران

سامي ميمڻ

سياست رڳو اقتدار حاصل ڪرڻ جو نالو ناهي، پر اها نظريي، اصولن، عوامي مفادن ۽ تاريخي ذميوارين جو نالو آهي. جڏهن ماڻهو ٻالڪپڻ مان نڪري جواني جي چائنٽ تي قدم رکي ٿو ته سندس شعور پختو ٿيڻ لڳندو آهي، هو صحيح ۽ غلط ۾ فرق ڪرڻ شروع ڪندو آهي، ۽ پنهنجي زندگيءَ جا فيصلا سوچ ويچار سان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهڙي طرح سياست ۾ داخل ٿيندڙ فرد کان به اها اميد رکي ويندي آهي ته هو جذباتي يا عارضي فائدن بدران نظرياتي بنيادن تي فيصلا ڪندو. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اسان جي ملڪ خاص طور سنڌ جي سياست ۾ اهڙا ماڻهو وڏي انگ ۾ موجود آهن، جيڪي بار بار پارٽيون بدلائين ٿا، نيون تنظيمون ناهين ٿا، وري ڇڏي ڏين ٿا، ۽ سياسي وفاداري کي ڪنهن ميلي يا درگاهه جي چادر وانگر بدلائين ٿا. اهڙي عمل نه صرف سياست کي غير سنجيده بڻائي ٿو، پر سياسي ڪارڪنن جي ساک ۽ عوام جي اعتماد کي به سخت نقصان پهچائي ٿو.

اهڙي عمل جو سڀ کان اهم سبب نظرياتي شعور جي کوٽ آهي. جڏهن ڪو ماڻهو سياست ۾ شامل ٿيندو آهي ته ان وٽ سياسي نظريي، تاريخي پسمنظر ۽ عوامي مسئلن جي ڄاڻ گهٽ هوندي آهي ته هو جلد مايوس ٿي ويندو آهي. اهڙو ماڻهو ڪنهن پارٽي ۾ شامل ٿيندي ئي تڪڙا نتيجا چاهيندو آهي، ۽ جڏهن نتيجا نه ملندا ته ٻي پارٽي ڏانهن رخ ڪندو آهي.

نظرياتي سياست ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪن سالن تائين جدوجهد ڪندا آهن. پر جيڪي ماڻهو مفادن جي بنياد تي سياست ۾ ايندا آهن، اهي جلد مايوس ٿي ڦرڻا گهرڻا شروع ڪندا آهن. ڪجهه سياسي ڪارڪن سياست کي عوامي خدمت بدران ذاتي ترقي جو ذريعو سمجهن ٿا. جڏهن انهن کي ڪنهن پارٽي ۾ عهدا، ٽڪيٽ يا مالي فائدو نه ملندو آهي ته اهي پارٽي ڇڏي ٻي پارٽي ۾ شامل ٿي ويندا آهن. اهڙي مثال پاڪستان جي قومي ۽ صوبائي سياست ۾ عام آهن، جتي چونڊن کان اڳ وڏي انگ ۾ سياسي اڳواڻ پارٽيون بدلائيندا آهن. چونڊن کان اڳ سياسي وفادارين جو تبديل ٿيڻ اصل ۾ سياسي اصولن جي ڪمزوري کي ظاهر ڪري ٿو.

ڪيترائي سياسي ڪارڪن قيادت سان ذاتي اختلافن سبب پارٽي ڇڏيندا آهن. نظرياتي سياست ۾ اختلاف راءِ فطري عمل آهي، پر جڏهن اختلاف ذاتي انا يا عهدي جي مسئلي تي هجن ته اها سياست کي نقصان پهچائيندي آهي. سياسي پارٽيون جمهوري ادارا آهن، جتي بحث مباحثو ٿيڻ گهرجي، پر جيڪڏهن ڪارڪن بحث بدران پارٽي ڇڏڻ کي حل سمجهي ٿو ته اهو ڪمزور سياسي ايمان جي نشاني آهي. سياست ڊگهي جدوجهد جو نالو آهي. وڏيون سياسي تحريڪون سالن جي جدوجهد کان پوءِ ڪامياب ٿينديون آهن. مثال طور سنڌ جي قومپرست تحريڪون مزدور تحريڪون شاگرد تحريڪون اهي سڀ ڊگهي عرصي تائين جدوجهد کان پوءِ پنهنجو اثر قائم ڪري سگهيون. پر جڏهن ڪو سياسي ڪارڪن چند مهينن ۾ نتيجا چاهي ٿو ته مايوس ٿي پارٽي تبديل ڪندو رهي ٿو.

جيڪو ماڻهو بار بار پارٽيون بدلائيندو آهي، ان تي نه قيادت اعتماد ڪندي آهي نه عوام. اهڙو ڪارڪن ڪنهن به پارٽي لاءِ مستقل نه هوندو آهي، جنهن ڪري کيس سنجيده ذميواريون نٿيون ڏنيون وڃن. جڏهن عوام ڏسي ٿو ته سياسي اڳواڻ بار بار پارٽيون بدلائي رهيا آهن ته عوام سياست تان اعتماد وڃائي ويهي ٿو. نتيجي طور سياست غير سنجيده ٿي وڃي ٿي. نظرياتي سياست جو بنياد اصولن تي هوندو آهي، پر جڏهن سياسي ڪارڪن مفادن خاطر پارٽيون بدلائين ٿا ته نظرياتي سياست ڪمزور ٿي وڃي ٿي. اهڙي صورتحال ۾:

عوامي مسئلا پوئتي رهجي وڃن ٿا ۽ اقتدار جي سياست وڌي وڃي ٿي سياسي تحريڪون ڪمزور ٿي وڃن ٿيون پارٽيون تبديل ڪرڻ سان سياسي عدم استحڪام پيدا ٿيندو آهي. جڏهن ڪارڪن مستقل نه هوندا آهن ته پارٽي مضبوط نه ٿي سگهندي آهي، ۽ سياسي جدوجهد متاثر ٿيندي آهي. نظرياتي سياست جا مثال ڏکڻ آفريڪا ۾ نيلسن منڊيلا 27 سال جيل ۾ رهيو پر پنهنجي نظريي تان نه ڦريو هندستان ۾ گانڌي ۽ نهرو ڊگهي عرصي تائين آزادي جي تحريڪ ۾ ثابت قدم رهيا پاڪستان ۾ خان عبدالغفار خان اصولن تي قائم رهيو اهي مثال ڏيکارين ٿا ته نظرياتي سياست صبر، قرباني ۽ مستقل مزاجي جو نالو آهي.

سنڌ جي سياست ۾ به اهڙا مثال موجود آهن جتي سياسي ڪارڪن بار بار پارٽيون بدلائين ٿا: ڪجهه مهينن بعد تنظيم ٽوڙڻ ٻي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ اهڙي عمل سبب سياسي جدوجهد ڪمزور ٿي وئي، عوام مايوس ٿيو قيادت تي اعتماد گهٽجي ويو. سياسي ڪارڪنن کي گهرجي ته. سياسي تاريخ پڙهن نظرياتي ڪتاب پڙهن عالمي تحريڪن مان سکن صبر ۽ مستقل مزاجي سياست ڊگهي جدوجهد جو نالو آهي، ان لاءِ صبر ضروري آهي. اختلاف کي برداشت ڪرڻ پارٽي اندر اختلاف فطري آهن، پر اختلاف سبب پارٽي ڇڏڻ درست ناهي. سياسي ڪارڪنن کي ذاتي مفادن بدران عوامي مفادن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي.

سياست ۾ ڦرڻا گهرڻا ۽ بار بار پارٽيون تبديل ڪرڻ ڪمزور سياسي ايمان جي نشاني آهي. اهڙي روش نه صرف سياسي ڪارڪنن جي ساک کي نقصان پهچائي ٿي، پر نظرياتي سياست کي به ڪمزور ڪري ٿي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سياسي ڪارڪن سنجيدگي سان سياست کي سمجهن، نظرياتي بنيادن تي ڪم ڪن، ۽ عوامي مفادن کي اوليت ڏين. جيڪڏهن سياست کي ميلي يا درگاهه وانگر ورتو ويندو ته پوءِ نه سياسي جدوجهد مضبوط ٿيندي ۽ نه عوامي مسئلا حل ٿيندا. سنجيده سياست لاءِ ضروري آهي ته سياسي ڪارڪن ثابت قدم رهن، نظريي تي قائم رهن، ۽ عوامي مفادن جي جدوجهد جاري رکن، ڇو ته تاريخ هميشه انهن ماڻهن کي ياد رکندي آهي جيڪي اصولن تي قائم رهيا، نه انهن کي جيڪي هر موڙ تي وفاداريون تبديل ڪندا رهيا.

آمريڪا_ ايران جنگبندي: امن ڏانهن پهريون قدم، پر ڇا ديرپا حل ؟

سسئي پليجو

آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ٿيندڙ جنگبندي کي ساراهڻ گهرجي، پر ساڳئي وقت اهو به ڏسڻو پوندو ته ان تي ڪيتري حد تائين عمل ٿئي ٿو ان ۾ ڪ8و به شڪ ناهي ته پاڪستان عالمي اهم ملڪن جي وچ ۾ توازن قائم ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ هاڻوڪي سفارتڪاري وقتائتي ۽ سمجهداري تي ٻڌل رهي، جنهن جو نتيجو ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ عارضي جنگبندي جي صورت ۾ سامهون آيو آهي جڏهن ته ايراني اسپيڪر طرفان اهو به چيو ويو آهي ته جنگبندي جي ڀڃڪڙي شروع ٿي چڪي آهي

ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جنگبندي يقيناً امن ڏانهن هڪ پهريون قدم آهي جيڪڏهن فريقي ڌريون سمجهداري ۽ بردباري سان ڳالهيون جاري رکن ٿيون ته اهو قدم مستقل امن جون راهون به کولي سگهي ٿو پاڪستان جي ڪامياب سفارتي حڪمت عملي ۽ ڪوششن سبب خطو وڏي تباهي کان بچي ويو، پر اڳتي هلي آمريڪا جي حڪمت عملي کي به غور سان ڏسڻو پوندو ته اها سچائي تي ٻڌل آهي يا ڪنهن عياري جو حصو اهو پڻ ڏسڻو پوندو ته ڳالهين کي ڪيتري سنجيدگي سان ورتو وڃي ٿو، ڇو ته هن وقت آمريڪا اندر ٿي شق 25 جهڙيون ڳالهيون سامهون اچي رهيون آهن

جنگ کان اڳ ايران اعتماد سان ڳالهين ۾ شامل رهيو، پر اوچتو اسرائيلي سازشن تحت آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان حملا ڪيا ويا، جن جو ايران وڏي بهادري سان مقابلو ڪيو هاڻي دنيا ايران کي هڪ نئين نظر سان ڏسي رهي آهي اسرائيل جي بيچيني ۽ غير سنجيده رويا به واضح ٿي سامهون آيا آهن، جڏهن ته ٽرمپ جي پاليسين جي يو_ٽرن ۽ غيرجمهوري ۽ غير انساني انداز به بي نقاب ٿي ويو آهي دنيا جي لکين ماڻهن روڊن تي نڪري جنگ خلاف احتجاج ڪيو ۽ امن جو مطالبو ڪيو ايران جهڙا ملڪ صرف عارضي نه پر مستقل حل چاهين ٿا، جنهن لاءِ سنجيده ۽ ٺوس قدم کڻڻ ضروري آهن ايران صرف هڪ ملڪ نه پر هڪ عظيم تهذيب جو مرڪز رهيو آهي، جيڪو پابندين ۽ حملن سبب وڌيڪ سخت ردعمل ڏيکاري رهيو آهي اسرائيلي ۽ آمريڪي جارحيت پوري خطي ۾ خوف ۽ نفرت پيدا ڪئي آهي، جيڪا دنيا قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

ايران جي مزاحمت پنهنجي انقلابي جوهر ۾ وڌيڪ خطرناڪ نظر اچي رهي آهي، انهن لاءِ پنهنجي قديمي وجود سان گڏ حق ۽ باطل جي جنگ وقت اچڻ تي فرض بڻجي وڃي ٿي. اڪثريت شايد اهو فيصلو ڪري چڪي آهي ته هاڻي آر يا پار ٿيندو.

ٽرمپ جي حڪمراني دوران اهي آمريڪي سينيئر فوجي آفيسرز جن جنگي ڏوهن ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو ۽ قانوني اصولن جي پاسداري جي ڳالهه ڪئي، انهن کي فوري طور هٽايو ويو يا انهن جي جاءِ تي ٻين کي آندو ويو. اهڙا منظر ۽ فيصلا عام طور جنگين جي وچ ۾ گهٽ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، پر جڏهن حڪمران غير سنجيده ۽ غير ذميوار بلڪ مافيا لڳي، تڏهن ڪجهه به ممڪن ٿي سگهي ٿو.

باشعور آمريڪي، جيڪي جمهوري روين تي يقين رکن ٿا ۽ حقيقي انسان دوست جذبا رکن ٿا، اهي ئي ٽرمپ ۽ اسرائيل جي سڀ کان وڌيڪ مذمت ڪندي نظر اچن ٿا. اهي ماڻهو باقاعدي احتجاجن ۾ شرڪت ڪري جنگ ختم ڪرڻ جا زور ڀريا مطالبا ڪندا نظر اچن ٿا. ٽرمپ ۽ اسرائيل جي پاليسين جي سخت مخالفت ڪري رهيا آهن ۽ جنگ جي خاتمي لاءِ آواز اٿاري رهيا آهن يورپ پڻ اهڙي جارحيت جو حصو ٿيڻ کان انڪار ڪيو آهي

ڳالهين جو مڪمل حل شايد پاڪستان جي هٿ ۾ نه هجي، پر ملڪن جي وچ ۾ رابطا پاڪستان ذريعي ٿي رهيا آهن، ۽ اميد آهي ته پاڪستان پنهنجي سمجهدار سفارتڪاري سان امن جي راهه هموار ڪندو جنگبندي لاءِ پاڪستان مان وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل جو ته ذڪر آهي ئي آهي پر جيڪو اسين به ڏسو ۽ ٻڌون پيا ته پس پرد صدر آصف علي زرداري به ان حوالي سان ڪافي سرگرم رهيا ۽ جنگبندي لاءِ ڪوششون ورتيون. چين پڻ پرامن حل جو خواهشمند آهي ۽ ان حوالي سان پاڪستان سان گڏجي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

ٻئي طرف اسرائيل جي جارحاڻي روش خطي لاءِ خطرو بڻيل آهي، جنهن کي روڪڻ ضروري آهي دنيا جا ڪيترائي ملڪ جنگبندي جي آجيان ڪري رهيا آهن، جڏهن ته فرانس ، چائنا ، پاڪستان به لبنان خلاف اسرائيلي ڪاروواين جي مذمت ڪندي جنگبندي تي مڪمل عملدرآمد جو مطالبو ڪيو آهي

ايراني صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته لبنان ۾ به جنگبندي ٿيڻ ضروري آهي نه ته ڳالهيون ٿي بي معنيٰ ٿينديون. ڏٺو وڃي ته صرف ايران تي ئي آمريڪا اسرائيل جا 11 هزار کان وڌيڪ OFFENSIVE OPERATIONS ڪري حملا ڪيا ويا. ان سڄي صورتحال ۾ جتي سڄي خطي جي معاشي چيلهه ڀڃي ٿي وئي پر دنيا ۾ توانائي جو شديد بحران رهيو آهي. اڪثريت هاڻي اهو سمجهي چڪي آهي ته جنگ ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي دنيا اڳ ئي معاشي، سماجي ۽ ماحولياتي بحرانن کي منهن ڏئي رهي آهي، تنهن ڪري ان کي ايٽمي ۽ بارودي جنگن کان هر حال ۾ بچائڻ ضروري آهي جنگ جو رستو روڪڻو پوندو

بقايا * 01**

نائب جيريڊ ڪشنر پاڪستان ايندا. ايران جي نمائندگي پرڏيهي وزير عباس عراقچي ۽ ايراني پارليامينٽ جو اسپيڪر باقر قاليباف ڪندا. وزيراعظم شهباز شريف ڳالهين جي جڳهه جو دورو ڪيو جتي هن سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو. هڪ ايراني نيوز ويب سائيٽ دعويٰ ڪئي آهي ته ايراني اختيارين پاڪستان کي پيغام پهچايو آهي ته جيستائين لبنان ۾ جنگ بند نه ٿيندي اوستائين وفد نه موڪليندا. ايراني ٽيم جي سربراهه محمد باقر قاليباف چيو آهي ته لبنان ۾ جنگبندي ۽ ايران جا روڪيل اثاثا آزاد ڪرڻ لازمي آهي. "ان کان اڳ جو ڳالهيون شروع ٿين". هن چيو ته اهي ٻئي قدم ڌرين وچ ۾ طئي ٿيا هئا، پر "اڃا تائين انهن تي عمل نه ٿيو آهي". هي بيان اهڙي وقت سامهون آيو آهي جڏهن آمريڪا جو نائب صدر جي ڊي وينس پاڪستان لاءِ روانو ٿي چڪو آهي، جتي هو ايران سان ڳالهين لاءِ آمريڪي وفد جي اڳواڻي ڪندو هن هفتي جي شروعات ۾ جنگبندي ٿيڻ کان پوءِ به اهو سوال تڪرار جو سبب بڻيل آهي ته ڇا لبنان ان ۾ شامل هو يا نه. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ آمريڪي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ۾ چيو آهي ته هو ايران سان امن معاهدي بابت تمام گهڻو پراميد آهي، ايراني اڳواڻ تمام معقول آهن. پر جيڪڏهن ڪو معاهدو نه ٿيو ته اهو تمام ڏکوئيندڙ هوندو. آمريڪي صدر چيو ته اسرائيل لبنان تي حملا گهٽائي رهيو آهي. نتنياهو گذريل ڏينهن فون تي ڳالهه ٻولهه ۾ لبنان تي حملن ۾ گهٽتائي تي راضي ٿيو آهي. لبنان ۾ اسرائيل جا حملا جاري آهن. اسرائيلي فوج جو چوڻ آهي ته هن گذريل مهيني جي شروعات ۾ لبنان تي حملن ۾ واڌ ڪرڻ کان پوءِ هينئر تائين حزب الله جا ڪل 4,300 هنڌ تباهه ڪري ڇڏيا آهن ۽ گروهه جا 1,400 ميمبر "ختم" ڪري ڇڏيا آهن پنهنجي تازي جنگي اپڊيٽ ۾، اسرائيلي فوج چيو آهي ته سندس پنج فوجي ڊويزنون هڪ ئي وقت ڏکڻ لبنان ۾ "نشاني بڻايل ڪارروايون" ڪري رهيون آهن، جيڪي سندس حملي جو حصو آهن ٻئي پاسي لبنان جي صحت واري وزارت موجب، 2 مارچ کان اسرائيلي حملن ۾ واڌ ٿيڻ کان پوءِ لبنان ۾ گهٽ ۾ گهٽ 1,888 ماڻهو مارجي چڪا آهن، جن ۾ 163 ٻار به شامل آهن آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ۽ برطانوي وزيراعظم سر ڪيئر اسٽارمر جي ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ٿي آهي جنهن ۾ انهن آبناءِ هرمز ۾ سامونڊي ٽرئفڪ بحال ڪرڻ تي بحث ڪيو آهي. برطانوي وزيراعظم جي آفيس (ڊائوننگ اسٽريٽ) موجب، ٻنهي اڳواڻن زور ڏنو ته آبناءِ هرمز ذريعي جهازن جي ٻيهر رڪاوٽ حرڪت لاءِ هڪ ايڪشن پلان تيار ڪيو وڃي. برطانوي وزيراعظم هن وقت خليجي ملڪن جي دوري تي آهي، جتي هو قطر، سعودي عرب، بحرين ۽ گڏيل عرب امارات جي اڳواڻن سان ملاقات ڪري رهيو آهي. ان کان اڳ، برطانوي وزيراعظم چيو هو ته آبناءِ هرمز مان گذرندڙ جهازن لاءِ ڪو به ٽول يا فيس قابل قبول نه هوندو. يورپي يونين جي پرڏيهي پاليسي جي سربراهه، ڪجا ڪلاس، لبنان ۾ حملن کي فوري طور تي روڪڻ جو مطالبو ڪيو آهي ۽ سيني ڌرين تي زور ڏنو آهي ته اهي آمريڪا_ايران جنگ بندي جي معاهدي جو مڪمل احترام ڪن. يورپ

بقايا * 02**

ريبا گهٽتائي جو اعلان ڪيو آهي. وفاقي راڄڌاني ۾ قوم کي خطاب ڪندي شهباز شريف چيو ته اڄ مان هڪ تاريخي موقعي تي ڳالهائي رهيو آهيان. اڄ الله جي فضل سان خليج ۾ ڪا جنگ ناهي. امن جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. هن چيو ته اڄ الله جي فضل سان خليج ۾ ڪا جنگ ناهي، امن جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. اڄ، ڌريون ڳالهيون ڪرڻ تي متفق ٿيون آهن. مان هن اهم پيش رفت لاءِ برادر ملڪ ايران ۽ آمريڪا جي قيادت جو دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪريان ٿو. وزيراعظم چيو ته ٻنهي ملڪن منهنجي تجويز کي قبول ڪيو ۽ نه رڳو عارضي جنگ بندي تي اتفاق ڪيو، پر منهنجي مخلص دعوت تي ٻنهي ملڪن جي قيادت اسلام آباد اچي رهي آهي. الله تعاليٰ پاڪستان کي ميزباني جو اعزاز ڏنو آهي. شهباز شريف چيو ته آمريڪا ۽ ايران جي قيادت پاڪستان پهچي رهي آهي. مان ڊپٽي وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير ۽ انهن جي ٽيم کي آمريڪا ۽ ايران جي قيادت کي اسلام آباد ۾ دعوت ڏيڻ تي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو. هن چيو ته فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جنگ جي باهه کي وسائڻ ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي ته نه رڳو پاڪستان لاءِ پر اسلامي دنيا لاءِ به فخر جو لمحو آهي. هن نازڪ موڙ تي، پاڪستان جي قيادت تمام محتاط انداز ۾ اعتماد جو مظاهرو ڪيو. وزيراعظم چيو ته واعدو ڪيو ويو هو ته عالمي مارڪيٽ ۾ قيمتن ۾ گهٽتائي جو فوري فائدو عوام تائين منتقل ڪيو ويندو، پر هڪ خوفناڪ مهانگائي جو طوفان آيو آهي. واعدو ڪيو ويو هو ته جيڪڏهن تيل جون قيمتون گهٽجن ٿيون ته فوري فائدو عوام تائين منتقل ڪيو ويندو. اڄ عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون ڪجهه گهٽجي ويون آهن. شهباز شريف چيو ته اسان عوام کي 129 ارب جي سبسڊي ڏني آهي. مون اوگرا جي تجويزن کي رد ڪري ڇڏيو آهي. ڊيزل جي قيمت ۾ 135 رپيا ۽ پيٽرول جي قيمت ۾ 12 رپيا گهٽتائي جو اعلان ڪيو آهي. هن چيو ته پيٽرول جي قيمت 366 رپيا في ليٽر گهٽائي ويندي، جڏهن ته ڊيزل جي قيمت 520 کان گهٽائي 385 رپيا ڪئي ويندي. پيٽروليم شين ۾ گهٽتائي اڄ رات 12 وڳي کان لاڳو ڪئي ويندي. موٽرسائيڪل، پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ مال گاڏين لاءِ سبسڊي جي فراهمي جاري رهندي، ٻئي طرف، توانائي وزارت پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو. جنهن مطابق هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ 134 رپيا 81 پئسا ۽ پيٽرول جي قيمت ۾ 11 رپيا 83 پئسا في ليٽر گهٽتائي ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه، نوٽيفڪيشن ۾ چيو ويو آهي ته هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي نئين قيمت 385.54 رپيا في ليٽر ۽ پيٽرول جي نئين قيمت 366.58 رپيا في ليٽر مقرر ڪئي وئي آهي.

بقايا * 03**

ي بابت سوالن ۽ افواهن تي جواب ڏئي ڇڏيو برطانوي ميڊيا کي ڏنل انٽرويو ۾ بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اسان جي پهرين ترجيح انعام ته پر خطي ۾ پائيدار امن جي بحالي آهي. هن چيو ته عالمي برادري وٽ "پلان بي" جي گنجائش ناهي، اسان کي هر صورت ۾ 'پلان اي' يعني امن کي ئي ڪامياب بڻائڻو پوندو. پ پ چيئرمين چيو ته جنگ جا نتيجا دنيا لاءِ تباهه ڪندڙ ٿي سگهن ٿا، تازي تڪرار سبب انساني جانين جي زيان ۽ عالمي معيشت تي به اثر پئجي رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته هڪ مهيني جي ڪوشش کانپوءِ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جنگ بندي تي اتفاق ٿيو آهي. پاڪستان کي اميد آهي ته اعتماد سازي جي خال کي پريو ويندو. بلاول ڀٽو زرداري اهو به چيو ته آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جنگ بندي تي اتفاق ڪيو آهي. ايران جي 10 نقاطي فارمولي کي ڳالهين جو بنياد بڻايو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ايران جي ڪجهه نقطن تي هاڻي به اختلاف راءِ موجود آهي، ايران ۾ بمباري ۽ خطي ۾ جوابي ڪارروائيون رڪجي چڪيون آهن.

بقايا * 04**

تي وئي ڳڻپ ڪاتي موجب هڪ هفتي ۾ 28 ضروري شين جي اگهن ۾ واڌ رڪارڊ ڪئي وئي، جڏهن ته 8 شين سستيون ۽ 15 جون قيمتون مستحڪم رهيون هڪ هفتي دوران ڊيزل 54.71 ۽ پيٽرول 17.86 سيڪڙو مهانگو ٿيو جڏهن ته ايل پي جي اگهن ۾ 8.61 سيڪڙو واڌ ٿي هڪ هفتي دوران ٽماٽا 9.35، پٽاٽا 4.13، بصر 3.84 ۽ اٽو 3.77 سيڪڙو مهانگا ٿيا جڏهن ته گوشت، ٻاڪرو گوشت، برڊ به مهانگي ٿي اداري موجب، ڪڪڙ، اٽو، گيهه ۽ ڪوڪنگ آئل جي اگهن ۾ لاٽ رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته ٿوم 3.78 ۽ ڪيلا 3.39 سيڪڙو سستا ٿيا.

بقايا * 05**

وچ ۾ 19 سيپٽمبر 1960 تي سنڌ طاس معاهدو ٿيو. جڏهن ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ تڪرارن جي پرامن حل لاءِ 2 جولاءِ 1972 تي شملا معاهدو طئي ٿيو ٻنهي ملڪن طرفان مذهبي ماڳن جي زيارتن جي آسان بڻائڻ لاءِ 14 سيپٽمبر 1974 تي پروٽوڪول تي صحيحون ڪيون ويون. جڏهن ته سنڌي ٽيليڪميونيڪيشن لاءِ به 14 سيپٽمبر 1974 تي معاهدو ٿيو.

بقايا * 06**

نشان، امن جو ضامن ۽ سيني جو مان بڻجي چڪو آهي. هن چيو ته پاڪستان هميشه زنده باد جو نعرو عالمي سطح تي مضبوط نموني سان اڀري رهيو آهي. هن انهن خيالن جو اظهار ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ منعقد ٿيل گوجرانوالا ايڪسپو 2026 جي افتتاح جي موقعي تي ڪيو جتي هن ربن ڪٽي نمائش جو باقاعده آغاز ڪيو. تقريب ۾ گوجرانوالا چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري، ملڪي ۽ غير ملڪي صنعتڪارن، سيڙپڪارن ۽ مختلف ملڪن جي سفارتڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، هن موقعي تي سيد ناصر حسين شاهه ايڪسپو ۾ قائم مختلف صنعتي ۽ واپاري اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ شين ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي گڏيل ڪوششن سان ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام کي فروغ مليو آهي ۽ اهي ڪوششون هميشه ياد رکيون وينديون. هن چيو ته پاڪستان پاران امن جي قيام لاءِ ڪيل ڪوششون عالمي تاريخ ۾ اهم حيثيت رکن ٿيون. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته گوجرانوالا ايڪسپو رڳو هڪ نمائش ناهي پر ڪاروباري لاڳاپن، سيڙپڪاري ۽ صنعتي سهڪار لاءِ هڪ موثر پليٽفارم آهي جيڪو دنيا کي واضح پيغام ڏئي ٿو ته پاڪستان ڪاروبار لاءِ تيار، موقعن سان ڀرپور ۽ هڪ پروسي جوڳو ملڪ آهي. هن گوجرانوالا جي صنعتي اهميت کي اجاگر ڪندي چيو ته هي شهر عالمي سطح تي پنهنجي شين سبب نمايان حيثيت رکي ٿو ۽ هتان جون شيون دنيا جي 100 کان وڌيڪ ملڪن ڏانهن برآمد ڪيون وڃن ٿيون. هن ڪامياب ايونٽ جي انعقاد تي منتظمين کي مبارڪباد ڏني ۽ يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت صنعتڪارن کي هر ممڪن سهولتون ۽ مڪمل سهڪار فراهم ڪندي. هن چيو ته سڄو پاڪستان هڪ آهي ۽ اسين سڀ پاڪستاني آهيون ۽ جيڪو به سيڙپڪار ۽ صنعتڪار هتي اچي ڪم ڪرڻ چاهي ٿو ان کي هر ممڪن تعاون فراهم ڪيو ويندو. ايڪسپو انتظاميه پاران به هن موقعي تي صدر آصف علي زرداري جي نعري "سڀ کان پهرين پاڪستان" ۽ "پاڪستان کپي" جي حمايت جو اظهار ڪيو ويو. نمائش ۾ 65 کان وڌيڪ ملڪي ۽ ڪثير ملڪي ڪمپنين جا اسٽال قائم ڪيا ويا آهن جڏهن ته گوجرانوالا جي شين کي ڪراچي سميت ٻين وڏن واپاري مرڪزن ۾ متعارف ڪرائڻ جو مقصد صنعتي لاڳاپن کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ آهي. ماهرن موجب اهڙي قسم جون نمائشون نه صرف برآمدات ۾ اضافو آڻيون ٿيون پر ملڪ ۾ سيڙپڪاري جا نوان در به کولين ٿيون

بقايا * 07**

هڪ شاندار ۽ باوقار تقريب جرئت جو اظهار ۽ آزاصحافت جي عنوان هيٺ منعقد ٿي، جنهن ۾ ملڪ جي ناليوارن صحافين، استادن، شاگردن ۽ دانشورن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي ميزباني ناظر محمود پنهنجي منفرد انداز ۾ سرانجام ڏني تقريب ۾ سينيئر صحافي ڊاڪٽر توصيف احمد، آرٽس ڪائونسل آف ڪراچي جا صدر احمد شاهه، ڪراچي پريس ڪلب جا صدر فاضل جميلي، ناليوارا صحافي مظهر عباس، امبر شمسي، اقبال خورشيد سميت ٻيون اهم شخصيتون پڻ شريڪ ٿيون. ان کان علاوه وفاقي اردو يونيورسٽي عبدالحق ڪيمپس جي شعبي ابلاغ عامہ جي استادن ۽ شاگردن ڀرپور شرڪت ڪئي تقريب جي شروعات هڪ اهم ۽ فڪر انگيز پينل ڊسڪشن سان ٿي، جنهن جو عنوان "جبر جي ماحول ۾ آزادي اظهار جي جدوجهد" هو. هن نشست جي ميزباني سينيئر صحافي وسعت الله خان ڪئي. پينل ۾ شامل مقررين آزادي صحافت کي درپيش چيلينجز، ميڊيا تي وڌندڙ دٻاءُ، صحافين جي ذميوارين ۽ سماج ۾ آزاد اظهار جي اهميت تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. مقررين جو چوڻ هو ته جمهوري سماج جي بقا لاءِ آزاد ۽ خودمختيار صحافت انتهائي ضروري آهي، ۽ ان کان سواءِ عوام تائين درست معلومات جي فراهمي ممڪن ناهي پينل دوران مقررين هن ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ته موجوده دور ۾ صحافين کي نه رڳو پيشوارانه چيلينجز پر مختلف قسمن جي دٻاءُ جو به مقابلو ڪرڻو پوي ٿو، پر ان جي باوجود سچ جي ڳولا ۽ عوامي مفاد جي تحفظ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ ئي اصل صحافت جي سڃاڻپ آهي بعد ۾ تقريب جي سڀ کان اهم مرحلو احفاظ الرحمان ايوارڊ جي ورڇ هو، جنهن ۾ لائف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ سينيئر صحافي علي احمد خان کي سندن صحافت جي ميدان ۾ اهم خدمتن جي اعتراف ۾ ڏنو ويو. هن موقعي تي شرڪت ڪندڙن تاڙيون وڄائي سنڌن خدمتن کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو تقريب جي پڄاڻي تي وفاقي اردو يونيورسٽي عبدالحق ڪيمپس جي صحافتي شعبي جي پاس ٿيندڙ شاگردن جي حلف برداري ٿي، جنهن ۾ شاگردن پيشوارانه ايمانداري ۽ ذميواري سان صحافت ڪرڻ جو عزم ظاهر ڪيو ۽ وڌيڪ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوزيشن هولڊر شاگردن کي نقد انعام ۽ سندون ڏئي سندن حوصلا افزائي ڪئي وئي

بقايا * 08**

جو اعتراف ڪيو آهي برطانوي ٽي وي موجب پرڏيهي معاملن واري پارٽي ماهر هرش پنت چيو آهي ته هي ضروري آهي ته پاڪستان ٻن ملڪن وچ ۾ پيغامن جي ڏي وٺ ذريعي ٿياڪڙي جي ڪوشش ڪئي جنهن سان جنگبندي تي اڳوڻي پرڏيهي سيڪريٽري نيروپما مينن راءِ ايڪس تي هڪ ڊگهي پوسٽ ۾ لکيو ته پاڪستان جو ڪرداد ٿياڪڙ طور تي ناهي پر هڪ اهڙي ذريعي طور اپريو آهي جنهن جي ذريعي پيغام پهچايا ويا ۽ نندو سفارتي پيغام ڪوليو ويو اها تائين هي روايتي ٿياڪڙي ناهي پر ان جي اهميت کي گهٽ نه ٿو سمجهي سگهجي هن چيو ته ڀارت کي پنهنجو موقف واضع ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي جنگبندي جي حمايت ڪرڻ گهرجي هن جنگ ۾ ڪنهن هڪ ڌر جي بالادستي کي روڪڻ گهرجي هي چپ رهڻ جو وقت ناهي هي سمجهداري سان ڳالهائڻ جو وقت آهي هن چيو ته ڳالهين جي نتيجي ۾ جنگبندي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پاڪستان کي نه رڳو آمريڪا ايران پر چين جو اعتماد حاصل آهي هن چيو ته مودي پاڪستان کي عالمي سطح تي اڪيلو ڪرڻ جو خواهش هو پر پاڻ کي اڪيلو ٿي ويو آهي ڪانگريس رهنما ششي ترور چيو ته جڏهن پاڪستان اهڙي مسئلي تي ڪم ڪري رهيا آهن جيڪو امن قائم ڪرڻ گهرجي منهنجي خيال ۾ اسان کي حقيقت ۾ خوشي ملهائڻ گهرجي هن چيو ته اسان کي انهن اڳيرائين کي اسٽريٽجڪ ضبط ، علائقائي زميداري جو احساس ۽ هڪ نئين عزم سان ڏسڻ گهرجي هن حقيقت کان انڪار به نه ٿو ڪري سگهجي ته پاڪستان جو هن عمل ۾ شامل ٿيڻ اسلام آباد هڪ خاص اميت رکي ٿو هن چيو ته اسان آمريڪي صدر ٽرمپ ۽ پاڪستان جي عسڪري قيادت فيلڊ مارشل عاصم منير جي وچ ۾ خاص لاڳاپن کي ڏٺو آهي. جيڪڏهن ايران جنگ جي صورتحال ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ٿئي ٿي ته ان جي نتيجي ۾ توانائي منڊي مستحڪم ٿيندي اندين مفادن جو تحفظ ممڪن ٿيندو ان تي اعتراض يا تنقيد جي آخرڪهڙي ضرورت آهي

بقايا * 09**

جي چوٿين ڪان مٿانهين ۽ سمنڊ جي گهرائين کان به وڌيڪ وڏي آهي. هن چيو ته پاڪستان ۽ چين جا لاڳاپا گڏيل اعتماد، احترام ۽ هر قسم جي سهڪار تي ٻڌل آهن ۽ ٻئي ملڪ هر ڏکي وقت ۾ هڪٻئي جي ڪلهي سان ڪلهو ملائي بيٺا رهيا آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن چيني قونصليٽ جي دوري جي موقعي تي ڪيو ان کان اڳ چيني قونصليٽ پهچڻ تي قونصل جنرل يانگ يونڊونگ ۽ ٻين سفارتي عملي سنڌ جي گورنر جو گرمجوشي سان ڀليڪار ڪيو ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن ۽ ٻطرفي تعاون جي هٽي تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي چيني ٽيڪنالاجي مان فائدو وٺندي بلو اڪانومي، پاڪستان جي ساحلي پٽي جي ترقي ۽ بحري وسيلن جي موثر استعمال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ان کان سواءِ يوٿ ايڪسچينج پروگرامن ۾ اضافو، چيني ٻولي جي فروغ ۽ تعليمي تعاون کي وسعت ڏيڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو. سنڌ جي گورنر چيو ته چيني سيڙپڪارن جي سهولت لاءِ گورنر هائوس ۽ چيني قونصليٽ ۾ فوڪل پرسنز جي نامزدگي ضروري آهي. ٻنهي ڌرين ادارتي رابطن کي وڌيڪ موثر ۽ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

بقايا * 10**

وٺڻ جي صورت ۾ متبادل حل ڏئي ڇڏيو آهي ڪامران ارشد بڌايو ته صنعتڪار به ارب ڊالر جو فنڊ بڻائي اسٽيٽ بينڪ جي جمع ڪرائڻ تي غور ڪري رهيو آهي جيڪو اسان حڪومت سان گڏ بيٺا آهيون ڪو مسئلو ٿيڻ نه ڏينداسين هن چيو ته امن ڳالهين کان پوءِ وزيراعظم سان ملي هن مسئلي جو حل ڪڍنداسين اپٽما چيئرمين چيو ته پاڪستان آءِ ايم ايف جي سمورا شرط پورا ڪري چڪو آهي ايڪسپورٽ تيزي سان وڌي رهي آهي

بقايا * 11**

.تقريب دوران، تازو ترقي يافته آفيسرن ۽ اهلڪارن کي باضابطه طور تي انهن جا انوسيٽيچر بيج پيش ڪيا ويا. سيده تحسين عابدي ترقي يافته آفيسرن کي مبارڪباد ڏني ۽ اميد ظاهر ڪئي ته اهي پنهنجون نئيون ذميواريون وڌيڪ محنت، ايمانداري ۽ پيشه ورانه صلاحيت سان نڀائيندا. تقريب کي خطاب ڪندي، هن سنڌ ٽريفڪ پوليس جي پيشه ورانه صلاحيت، نظم ۽ ضبط ۽ عوامي خدمت جي جذبي جي تعريف ڪئي ۽ شهرين جي سهولت لاءِ انهن جي ڪوششن کي ساراهيو هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ سنڌ حڪومت نوجوانن کي بااختيار بڻائڻ، عورتن کي ترقي ڏيڻ ۽ ادارن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته اهڙا واقعا آفيسرن جو حوصلو وڌائين ٿا ۽ انهن جي ڪارڪردگي بهتر ڪن ٿا. تقريب ۾ سنڌ ٽريفڪ پوليس جي اعليٰ آفيسرن ۽ اهلڪارن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

بقايا * 12**

۽ ملڪ جي ڪند ڪڙڇ مان ترڪن ۽ ٽرالرن تي لڏيل سهڻن قرباني جي جانورن جي آمد جو سلسلو تيزي سان جاري آهي. سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب سميت ڪراچي جي علائقن گڏاپ ۽ ڪورنگي تائين جا بيوپاري پنهنجا جانور ڪٽي منڊي پهچڻ شروع ٿي ويا آهن. گذريل ڏينهن سفير ۽ گولڊن بلاڪ ڪانپوءِ انتظاميه پاران هاڻي جنرل بلاڪ سميت ٻيا سمورا بلاڪ پڻ بيوپارين لاءِ کولي ڇڏيا آهن. مارشلنگ ايريا ۾ جانورن سان لڏيل وڏين گاڏين جون قطارون لڳي ويون آهن. جتي ڏينهن رات جانورن جي پهچڻ جو سلسلو جاري آهي. تفصيل موجب 5 اپريل کان شروع ٿيندڙ هن منڊي ۾ هاڻي چيلهون وڏي ويون آهن. اڄ ڪورنگي ۽ گڏاپ مان بيوپاري 78 ننڍا وڏا جانور، چارو ۽ ڪرليون کڻي منڊي پهتا آهن. ايڊمنسٽريٽر طارق تنولي ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته ڪنڌڪوٽ، شيخوپور، نوشهرو فيروز، سبي، جيڪب آباد ۽ ڪشمور جا سهڻا جانور اڳ ئي منڊي جي زينت بڻجي چڪا آهن. بيوپارين جي وڏي انگ جي نظر ۾ رکندي هاڻي جنرل بلاڪ به اوپن ڪيو ويو آهي. جڏهن ته بيوپاري پنهنجي پسند جي پلاٽ جي حصول لاءِ 24 ڪلاڪ ايڊمنسٽريشن بلاڪ ۾ موجود آهن. انچارج ميڊيا سيل ذڪي ابڙو جو چوڻ آهي ته بيوپارين جي سهولت لاءِ مارشلنگ ايريا ۾ بئنڪ به قائم ڪئي وئي آهي، ته جيئن هو آساني سان پلاٽ بڪ ڪرائي پنهنجا جانور لاڳاپيل بلاڪن ۾ شفٽ ڪري سگهن. ڪنڌڪوٽ، ڪشمور ۽ ٻين شهرن مان آيل بيوپارين جو چوڻ آهي ته مارشلنگ ايريا مان پلاٽن جي نشاندهي ٿيڻ ڪانپوءِ هو وڌيڪ جانور به منڊي ڪٺي ايندا.

بقايا * 13**

رجي هڪ اسپتال ۾ علاج هيٺ هو سندس عمر 90 سال هئي ذوالفقار ڪوسا پهريون ڀيرو 1962 ۾ پنجاب اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو هو پنهنجي زندگي ۾ گهڻو وقت مسلم ليگ ۾ رهيو هن ڪيترائي ڀيرا صوبائي وزير، صلاحڪار، سينيٽر ۽ پنجاب جي گورنر جا عهدا سنڀاليا. 2018 جي چونڊن کان اڳ هو پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيو ذوالفقار ڪوسا نواز شريف جي جلاوطني دوران پنجاب مسلم ليگ (ن) جو صدر پڻ هو.

بقايا * 14**

پد 34 کان 36 ڊگري سينٽي گريڊ جي وچ ۾ رهڻ جو امڪان آهي. موسميات کاتي موجب، شهر ۾ هوا ۾ نمي جو تناسب 80 سيڪڙو آهي. شهر ۾ گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 23.5 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا * 15**

۽ ڊڪيتن گروپ کي هٿيار ڪرائي تي ڏئي رهيو هو پوليس اختيارين موجب، آپريشن دوران، ڊڪيتن گروپ جي سهولتڪاري ۾ ملوث جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدار ڊڪيتن گروپن کي هٿيار ڪرائي تي ڏيندو هو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار جي قبضي مان هڪ رائيفل، پستول ۽ پرڏيهي ڪرنسي هٿ ڪئي وئي آهي، گرفتار جوابدارن خلاف ايس آءِ يو پوليس اسٽيشن ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا * 16**

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ واپاري هفتي جي آخري ڏينهن تي ريلي نظر اچي رهي آهي ۽ واپار جي شروعات ۾ 100 انڊيڪس 1932 پوائنٽس جو اضافو ٿيو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جو 100 انڊيڪس 1.17 سيڪڙو جي واڌ سان 167,449 پوائنٽس جي سطح تي آهي. ٻئي طرف، ايشيائي اسٽاڪ مارڪيٽن ۾ هڪ مثبت رجحان ڏٺو پيو وڃي. جاپان، ڪوريا ۽ انڊونيشيا جا بينچ مارڪ اسٽاڪ انڊيڪس 2.2 سيڪڙو مثبت آهن. جڏهن ته هندستان ۽ ويتنام جا اسٽاڪ انڊيڪس هڪ هڪ سيڪڙو مثبت آهن. ان کان علاوه، شنگهائي ۽ هانگ ڪانگ جا انڊيڪس هڪ سيڪڙو کان گهٽ مثبت آهن.

بقايا * 17**

جاري رکڻ جي عزم جو ڏينهن آهي. پاڪستان جي آئين جي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته شهيد عوامي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽو قوم کي هڪ متحد آئين ڏنو جيڪو اڄ به ملڪ جي جمهوري بنيادن کي مضبوط ڪري ٿو شهيد ڀٽو جي سياسي بصيرت، دليرقيادت ۽ عوامي خدمت کي هميشه ياد رکيو ويندو، سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ڪوششن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ جمهوري سوچ کي فروغ مليو ۽ ادارا مضبوط ٿيا. صدر آصف علي زرداري پاران صوبن کي خودمختياري ڏيڻ ۽ پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻ سان وفاق مضبوط ٿيو. هن چيو ته اختلافن کان بالاتر ٿي، اسان کي پاڪستان جي آئين جي تحفظ، جمهوريت جي مضبوطي ۽ ملڪ جي ترقي لاءِ متحد رهڻ گهرجي. قومي اتحاد ۽ يڪجهتي شهيدن جي قربانين جو اصل ثمر ۽ هڪ مستحڪم پاڪستان جي ضمانت آهي.

بقايا * 18**

. نار وارن ملڪن جي دوري جي پڄاڻي تي برطانوي وزيراعظم ڪيئر اسٽارمر چيو آهي ته ان پوري دوري دوران سڀ کان وڌيڪ ڳالهه ٻولهه آبناءِ هرمز مان جهازن جي محفوظ گذرگاهه لاءِ عملي منصوبي تي ڪئي رهي. واضح رهي ته هي اهم آبي لنگهه دنيا جي لڳ ڀڳ 20 سيڪڙو تيل ۽ گيس جي فراهمي جو مرڪز آهي. پر ايران تي مؤهيل آمريڪي ۽ اسرائيلي جنگ ڪانپوءِ هتان گذرندڙ جهازن جي شرح ۾ وڏي گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي. برطانوي وزيراعظم ڪيئر اسٽارمر چيو ته هي تڪرار اسان جي ايندڙ نسل کي متعين ڪندو ۽ اسان کي ان جو جواب ڏيڻو پوندو ۽ اسان مضبوطيءَ سان جواب ڏينداسين." سندس چوڻ هو ته هن نار ملڪن جي اڳواڻن سان گڏيل دفاع واري موضوع تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي.

بقايا * 19**

سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي (SSCA) جي اجلاس جي صدارت ڪندي وڏي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جديد ٽيڪنالاجي ذريعي عوامي تحفظ کي يقيني بڻائڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي. اجلاس ۾ گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، آءِ جي پوليس جاويد اوڍو، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، سيڪريٽري ايڪسائيز سليم راجپوت، ڊي جي ايس ايس سي اي سرفراز نواز، آغا فخر ۽ ڊي جي پي ڊي ايم اي سلمان شاهه شرڪت ڪئي. اٿارٽي جي ميمبرن، ايم پي اي سيد سرفراز شاهه، علي حسن هنگورجو، سمتا افضل، حميرا فراز ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته منصوبي جي ٻئي مرحلي ۾ 2314 سمارٽ نگراني ڪيمرائون لڳائڻ جو ارادو ڪيو ويو آهي جن ۾ 870 عام نگراني لاءِ، 1300 آٽوميٽڪ نمبر پليٽ ريڪگنيشن (ANPR) ۽ چهري جي سڃاڻپ (facial recognition) سان ليس، 80 ٽريفڪ جي نفاذ لاءِ، 56 موبائل نگراني يونٽ، ۽ 8 ٽريفڪ سگنل مانيٽرنگ لاءِ وقف ڪيون وين آهن. اهي ڪيمرائون ڪراچي جي ضلعن ۾ لڳايون وينديون، جن ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪوريج ضلعو ڏکڻ (322 ڪيمرائون). ان کان پوءِ اوڀر (220)، ڪورنگي (27)، ڪيماڙي (17)، ملير (16)، ۽ اولهه (1) ۾ هوندي. جنهن سان شهر جي نگراني جو نيٽ ورڪ ڪافي حد تائين وسيع ٿي ويندو. هي منصوبو جنهن جي اندازي مطابق لاڳت تقريبن 9.98 ارب رپيا آهي. 12 مهينن اندر مڪمل ٿيڻ جو امڪان آهي، جنهن تي ڪم مئي 2026 ۾ شروع ٿيڻ جي اميد آهي. انفراسٽرڪچر جي حصن ۾ نو پوائنٽس آف پريزنس (PoP) سائيٽون شامل آهن جيڪي سولر ۽ جنريٽر بيڪ اپ سان ليس آهن هڪ سمارٽ نگراني ٽاور، مرڪزي ڪمانڊ سسٽم سان گڏيل 50 پبلڪ پينڪ بٽڻ، آن بورڊ ڪيمرائن سان ليس اٺ ريسپانس گاڏيون، ۽ 10 نگراني ڊرونز شامل آهن. مراد علي شاهه نشاندهي ڪئي ته حڪومت خريداري جي ڳالهين ذريعي هڪ ارب رپين کان وڌيڪ جي بچت ڪئي آهي جيڪا معيار کي برقرار رکندي مالي احتياط جو ثبوت آهي. هن چيو ته هي رڳو هڪ ترقياتي منصوبو ناهي _ هي عوامي تحفظ ۽ قومي سلامتي ۾ هڪ اهم سيڙپڪاري آهي. وڏي وزير اختيارين کي هدايت ڪئي ته منظوري جي عمل کي تيزڪن ۽ وقت تي عملدرآمد کي يقيني بڻائين. هن خبردار ڪيو ته دير جي صورت ۾ لاڳت وڌي سگهي ٿي، خاص طور تي درآمدي سامان جي وڌندڙ عالمي قيمتن جي ڪري. آپريشنل تياري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ، ايس ايس سي اي (SSCA) ٽيڪنيڪل اسٽاف جي ڀرتي جو شفاف عمل مڪمل ڪري ورتو آهي جيڪو ماهر پينلن ۽ نگراني ڪميٽين جي نگراني ۾ هڪ گهڻ_مرحلي، ميرٽ تي ٻڌل تشخيصي نظام ذريعي ڪيو ويو وڏي وزيرايس ايس سي اي ايڪٽ جي لاڳاپيل شقن تحت مقررين ڪرڻ جي منظوري ڏني. ڪراچي کان علاوه اجلاس ۾ حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص ۽ شهيد بينظير آباد سميت ڊويزنل هيڊ ڪوارٽرز ۾ سيف سٽي منصوبا قائم ڪرڻ جي تجويزن جو پڻ جائزو ورتو ويو جن جي ڪل اندازي مطابق لاڳت 3.15 ارب رپيا آهي ۽ ان ۾ 780 ڪيمرائون لڳايون وينديون. فيصلو ڪيو ويو ته اهي تجويزون وڌيڪ جائزي لاءِ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ (P&D) کاتي کي موڪليون وڃن. مراد شاهه سيني سيف سٽي قدمن کي هڪ متحد ايس ايس سي اي فريم ورڪ تحت آڻڻ جي اهميت تي زور ڏنو ته جيئن معيار کي برقرار رکڻ، ڪم جي ورجاءَ کان بچڻ ۽ ڪوآرڊينيشن کي وڌائي سگهجي. هن چيو ته ٽڪرن ۾ ورهايل نظام اثرائتو ناهي هوندو. اسان جو مقصد پوري سنڌ ۾ هڪ مڪمل طور تي مربوط ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ آهي. پنهنجي حڪومت جي عزم جو ورجاءُ ڪندي وڏي وزير چيو ته سيف سٽي جي شروعات سان نه رڳو ڏوهن جي روڪٿام ۽ جوابي ڪارروائي ۾ بهتري ايندي پر ٽريفڪ انتظام ۽ هنگامي خدمتن کي پڻ هٿي ملندي. جيڪا آخرڪار ڪراچي کي هڪ محفوظ ۽ وڌيڪ مضبوط شهر بڻائيندي.

بقايا * 20**

پاڪستان جي مجموعي قرضن ۾ 9.4 سيڪڙو اضافو ٿيو پاڪستاني قرضن جو ڪل هجم تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 80 هزار ارب رپين جي ويجهو پهچي ويو پاڪستاني مقامي ۽ بيروني قرضن ۾ سال ۾ 73 هزار 36 ارب رپين کان وڌي 79 هزار 82 ارب رپيا ٿي ويو اسٽيٽ بينڪ موجب پاڪستان جو ڪل قرض هڪ سال ۾ 9.4 سيڪڙو ۽ هڪ مهيني ۾ 0.7 سيڪڙو وڌيو پاڪستان جي قرضن جو ڪل هجم هڪ سال اڳ فيبروري 2025 ۾ 73 هزار 36 ارب رپين هو ملڪ جو مقامي قرض هڪ سال ۾ 51 هزار 22 ارب رپين مان وڌي پهريون ڀيرو 56 هزار 679 ارب رپين جي رڪارڊ سطح تي پهچي ويو اسٽيٽ بينڪ پاران جاري ڪيل ڊيٽا موجب ملڪي مقامي قرضن جو هجم جنوري 2026 ۾ 55 هزار 993 ارب رپين تي هو پاڪستان جو ٻاهرين قرض سالياني 22 هزار 14 ارب رپين کان 23 هزار 203 ارب رپين تي پهچي ويو ٻاهرين قرض جنوري 2026 ۾ 23 هزار 344 ارب رپين مان گهٽجي 23 هزار 203 ارب رپيا ٿي ويو اسٽيٽ بينڪ موجب ٻاهرين ۽ مقامي قرض تي وياج ڏيڻ جو هجم 4 هزار ارب رپيا ٿي ويو قرض ۽ وياج کان علاوه سرڪاري ضمانت جو هجم 5 هزار ارب رپيا ٿي ويو آهي

بقايا * 21**

آمريڪا سان جنگ نه ٿو ڪرڻ چاهي پر هڪ قوم طور پنهنجي حقن جو دفاع ڪندو فرانسيسي خبررو اداري ايران جي سرڪاري ٽيليويزن جي پروگرام ۾ ٻڌايو ته هي پيغام آيت الله خامنه جي موت جي چاليهي تي پڙهي ٻڌايو ويو جيڪو 28 فيبروري تي حملي ۾ شهيد ٿي ويو هو مجتبيٰ خامنه اي جو چوڻ هو ته اسان نه جنگ ڪرڻ چاهيون ٿا نه چاهيون ٿا پر اسان ڪنهن به صورت ۾ جائز حقن تان دستبردار نه ٿينداسين ان ڏس ۾ اسان پوري مزاحمت کي هڪ مجموعي فريضو سمجهون ٿا هن چيو ته ايران آبنائي هرمز جي اسٽريٽجڪ انتظام کي هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ڪندو مجتبيٰ خامنه اي ايراني عوام سان مخاطب ٿيندي چيو ته جنگ بندي جي اعلان باوجود عوام اهو نه سمجهي ته رستن تي نڪرڻ ضروري ناهي رهيو هن چيو ته ۽ عوامي هنڌن تي اوهان جي بلند آواز نتيجن ڳالهين تي اثرانداز ٿي سگهن ٿا

بقايا * 22**

ي جي چاليهي واري جلوس ۾ شرڪت ڪئي ۽ عوام سان خطاب ڪندي جي لبنان تي حملا جنگبندي ڳالهين کي بي معنيٰ بڻائي ڇڏيندا. ايران لبناني عوام کي اڪيلو نه ڇڏيندو هن وڌيڪ چيو ته لبنان ۾ اسرائيلي حملا جنگبندي معاهدي جي ڀڃڪڙي آهن. هي ڊوکو ۽ ممڪن معاهدن سان وابستگي جي کوٽ جي خطرناڪ نشاني آهي.

بقايا * 23**

ظهار ڪيو آهي. پارٽي پرڏيهي کاتي جي ترجمان رنڊير جئسوال چيو ته "پارٽ لاءِ موجوده صورتحال ڏاڍي پريشان ڪندڙ آهي. خاص ڪري ان لاءِ جو پارٽ طرفان گڏيل قومن جي امن فوج ۾ پنهنجا دستا مقرر ڪيل آهن ۽ لبنان جي امن ۽ استحڪام ۾ سڌيءَ ريت دلچسپي رکي ٿو ترجمان وڌيڪ چيو ته لبنان ۾ جاري صورتحال تي انڊيا گهري نظر رکي رهيو آهي ۽ ملڪ جي پهرين ترجيح انڊين شهرين جو تحفظ آهي. ترجمان چيو ته پارٽ لبنان ۾ امن ۽ استحڪام جو خواهشمند آهي ۽ ان مقصد لاءِ عالمي برادري سان رابطي ۾ آهي. ترجمان موجب، اسرائيل طرفان جاري حملن سبب صورتحال ڳڻتي جوڳي آهي ۽ پارٽ زور ڏنو آهي ته شهري آبادي ۽ ڍانچي جو تحفظ بين الاقوامي انساني قانونن موجب يقيني بڻايو وڃي. ترجمان اهو به چيو ته پارٽ لبنان جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت جي حمايت ڪري ٿو ۽ خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ وارين ڪوششن جي حوصلا افزائي ڪري ٿو.

بقايا * 24**

سان معاهدي تي صحيح ڪري سگهي ٿي، سندس چوڻ هو ته آبناءِ هرمز تي ڪنٽرول ايراني عوام جي حقن جي بنياد تي قائم آهي. عمان سان معاهدي تي صحيح ٿيڻ سان آبناءِ هرمز مڪمل طور تي هٿيار بند فوج جي ڪنٽرول ۾ اچي ويندي.

بقايا * 25**

جي ٿالثي ۾ آمريڪا_ايران ڳالهيون اسلام آباد لاءِ هڪ وڏي ڪاميابي آهن. وفاقي وزير احسن اقبال ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن ڳالهين ذريعي جنگ بندي کي وڌايو وڃي ته اها هڪ وڏي ڪاميابي هوندي. احسن اقبال چيو ته هي پاڪستان جي 78 سالن جي تاريخ جو سڀ کان اهم موقعو آهي. فيلڊ مارشل سڄي رات جاڳندو رهيو، ثابت قدم رهيو پر همت نه هاري. هن هر موقعي تي سڄي عمل کي تخريبڪاري کان بچايو. هن وڌيڪ چيو ته گڏيل قومن به اسرائيل جي ضمانت نٿي ڏئي سگهي، صرف آمريڪا ئي اسرائيل جي ضمانت ڏئي سگهي ٿو.

بقايا * 26**

واري شرح 3.5 سيڪڙو رهڻ جو امڪان آهي ايندڙ مالي سال ۾ اها وڌي 4.5 سيڪڙو تائين وڃي سگهي ٿي. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته وچ اوڀر جي ڇڪتاڻ سبب مهانگائي ۽ معيشت تي دٻاءُ وڌڻ جو خدشو آهي. مالي سال 2026 ۾ مهانگائي 6.4 سيڪڙو ۽ 2027 ۾ 6.5 سيڪڙو تائين ٿي سگهي ٿي. رپورٽ موجب، تيل ۽ گيس جي اگهن ۾ واڌ وڏي خطري طور سامهون آئي آهي. ٻاهرين جهٽڪن کي منهن ڏيڻ لاءِ سڌارا جاري رکڻ ضروري آهن. جڏهن ته خانگي سيڙپڪاري معيشت کي سهارو ڏئي سگهي ٿي. اي ڊي بي موجب، اڏاوتي شعبي ۽ صنعت ۾ بهتري جي اميد آهي ۽ اسٽيٽ بئنڪ طرفان محتاط مانيٽري پاليسي ۾ نرمي جو امڪان آهي.

بقايا * 27**

جو رستو ڳولڻ جي هدايت ڪئي آهي. جي ڊي وينس ايران خلاف جنگ ۾ ٻين جي ڀيٽ ۾ گهٽ حمائتي آهي. ڊيلي ميل موجب، جي ڊي وينس کي ڊگهي عرصي کان پرڏيهي فوجي مداخلتن بابت شڪ شبهن رهيا آهن ۽ ڪنهن ڪليل ۽ انجاتل مدي واري جنگ ۾ آمريڪي فوج موڪلڻ جي امڪان تي ڪليل نموني ڳالهائيندو رهيو آهي.

بقايا * 28**

قانون تي عملدرآمد جي درخواست تي قانون ۽ انصاف واري سيڪريٽري ۽ ڊي جي نادرا کي نوٽس جاري ڪري جواب طلب ڪري ڇڏيو درخواست گذار وڪيل بارق منصور ايڊووڪيٽ موقف ڏنو ته اينٽي ريپ ٽرائيل اينڊ انويسٽيگيشن ايڪٽ 2021 تي عمل ناهي ٿي سگهيو جنسي ڏوهن جي جوابدارن جو ڊيٽا بيس تيار ڪرڻ . انڪيمرا ٽرائيل جو موثر نظام نه بڻجي سگهيو ڪرائسز سيل ۽ عورت ملازم مقرر ناهي سرڪاري وڪيل جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت جي اپيل ڪري ڇڏي عدالت جاٿايل ڌرين کي نوٽس جاري ڪندي هدايت ڪئي ته درخواست سان جاڻ رکندڙ آفيسر حاضر ٿين عدالت ٻڌڻي 5 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا * 29**

صورتحال سبب شاگرد ۽ والدين پريشان آهن. امتحانن ۾ حصو وٺندڙ شاگردن جي والدين شڪايت ڪئي ته داخلا ڪارڊ تي درج امتحاني مرڪز امتحان کان هڪ ڏينهن اڳ تبديل ڪيا ويا هئا. سنڌ جي تعليم واري وزير ته هن سنگين غفلت جي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ٽن ڏينهن اندر اطمينان بخش جواب نه مليو ته ذميوارن خلاف تاديبي ڪارروائي ڪئي ويندي. ان دوران، امتحاني ڪنٽرولر چيو ته سيٽي انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن. بورڊ انتظاميا جي درخواست تي ڪمشنر آفيس ۾ هڪ مانيٽرنگ سيل قائم ڪيو ويو امتحاني ڪنٽرولر موجب، ڪمشنر ڪراچي امتحاني مرڪزن جي چوڌاري قلم 144 لاڳو ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته امن امان جي خاطر، بورڊ پاران قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي هڪ خط جاري ڪيو ويو آهي. ۽ سائبر سيڪيورٽي کي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي واٽس ايپ گروپ تي نظر رکن جنهن پيپر ليڪ ڪيا. امتحاني ڊائريڪٽر چيو ته جيڪي ماڻهو ڪنهن به سبب جي ڪري پهرين ڏينهن پنهنجي امتحاني مرڪز تي نه پهچي سگهيا اهي ٻئي ڏينهن امتحاني مرڪز تي پيپر جمع ڪرائي سگهن ٿا.

بقايا عوامي سوچ 01

ظاهر ٿي آهي امير ڄي خدابخش چتو سميت بيا ڪيترائي معصوم ٻارڙا بخار ۾ مبتلا ٿي ويا آهن جنهن مان لڳي ٿو معصوم ٻارڙن کي ارڙي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته بيماري جا ڪيس وڌندا پيا وڃن پر اڃان تائين ڪا ٽيم ڪانه پهتي آهي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته ضلعي انتظاميه ۽ صحت کاتو مڪمل طور بي خبر بڻيل آهن ڳوٺاڻن صحت کاتي جي صوبائي وزير کان مطالبو ڪيو آهي ته ٽيم موڪلي ڳوٺن ۾ ٽيمون موڪلي معصوم ٻارڙن جو سرڪاري سطح تي علاج شروع ڪيو وڃي جيئن معصوم ٻارڙن کي موذي مرض بچائي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 02

ن ڪائي فرار ٿي ويا چوپائي مال جي چورن ڀڄي ڀاري ڏنو آهي اهڙو اطلاع غلام الله پوليس کي ڀڙ ڏنو ويو آهي پر پوليس پارٽيءَ ڪا ڪاروائي نظر نه اچي سگهي آهي هڪ مهيني ۾ اها ٽين واردات آهي ان ڪان اڳيان ڪه مهينن ۾ ڪيترو نامعلوم چورچوري ڪري فرار ٿي ويا پوليس ڪک پڇي ٻيهوٽ ته ڪئي هتي اسان جي جان مال غير محفوظ بڻيل آهي هن اعلي اختيارين ايس ايس پي ٿٽو ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد کان اسان جو مطالبو ڪندي چيو ته اسان جي چوري ٿيل مينهون واپس ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 03

اڳواڻ رضوان سولنگي لاڏانو ڪري ويو. رپورٽ موجب ڪورنگي پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر ۽ سنڌي ادبي سنگت جي متحرڪ اڳواڻ محمد بچل سولنگي جو فرزند ڪورنگي ٽائون ڪاميٽي جو ملازم ۽ نوجوان اڳواڻ رضوان سولنگي گهڻو عرصو بيماري ۾ مبتلا رهڻ بعد زندگي جي جنگ هارائي ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ ڏڪري جي سياسي سماجي، صحافين ۽ ادبي شخصيتن ڊاڪٽر مظفر ڪوهاڙو، حيدر جويو، سينيئر صحافي ديدار علي سومرو، فدا حسين ابڙو، علي اصغر ميمڻ، وحيد رمضان جوڻيجو، محراب خاصخيلي، سليم واڍڙ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي پنهنجي ابائي قبرستان ۾ مٽي ماءِ حوالي ڪيو ويو آهي، مرحوم جو تيجو بابا کان پاس روڊ لڳ ريجاو جو آهي جتي مرحوم جي ٻونڙيٽي محمد بچل سولنگي، امتياز سولنگي، شاهد سولنگي، حافظ رجب سولنگي ۽ ٻين سان تعزيتن جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي.

بقايا عوامي سوچ 04

" ڪڏهن ڪي ريلي کي سني رابطہ ڪائونسل ضلع ميرپورخاص جي اڳواڻن مفتي خليل صاحب، مولانا اويس صاحب، حافظ احتشام الحق صاحب، مولانا عبدالمجيد ديونڌي صاحب ۽ ضلعي صدر قاري عبدالرشيد صاحب خطاب ڪندي چيو ته: ايران، اسرائيل ۽ آمريڪا جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ ايران طرفان عرب ملڪن تي حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا. اڳواڻن چيو ته ايران پاران پاڪ عرب ملڪن جي خودمختياري ۾ مداخلت ناقابل قبول آهي، جنهن سان امت مسلمه ڪمزور ٿي رهي آهي. اسرائيل، آمريڪا ۽ ايران جي جنگ عالمي امن لاءِ سنگين خطرو بڻجي چڪي آهي، OIC هن حملن کي روڪرائڻ لاءِ پنهنجو فوري ڪردار ادا ڪري. پاڪستان ۽ سعودي عرب جا مذهبي روپ ۽ لڪل ٻاهرين ايجنٽن جو محاسبو ڪيو وڃي، رياست جي امن پسندي کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي، سني رابطہ ڪائونسل ضلع ميرپورخاص جي هر ڪارڪن ملڪي جاگرافيائي حدن جي تحفظ لاءِ پاڪ فوج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيلو آهي ۽ فرقيوارت جي آڙ ۾ دشمن جي ايجنڊا کي ڪڏهن ڪامياب ٿيڻ نه ڏينداسين. اسان جي پيرو جي آخر ۾ چيف آف آرمي اسٽاف جنرل عاصم منير زنده باد ۽ پاڪستان زنده باد ۽ ريلي جو ويزنل نگران حافظ احتشام الحق سالميت ٿي پاڪستان جو ٻيڻي واضح ڪيو ته پاڪستان جي ڪيو ۽ مولاني ۽ سلامتي ۽ پاڪستان لاءِ جدوجهد آخري دم تائين جاري رهندي. جاري ڪندڙ: ترجمان، سني رابطہ ڪائونسل ضلع ميرپورخاص جن توهان ڪهي ته ٽه مان ان ۽ ڪا تبديلي ڪريان يا ان کي سوشل ميڊيا لاءِ مختصر ڪري ڪيان

بقايا عوامي سوچ 05

ذريعي اهي. تيل جي اڳهن ۽ واڌ سبب اسان بيروزگاري جو شڪار ٿي ويا آهيون ۽ اڪ اسان اسڪولي شاگردن کي مڪتب ۽ ڪئي اينڊا ڪيڻا سنهنڻ هاڻ اسڪولي ٻارڙن کي ڪير ڪڍ لاءِ تيار ناهي. نتيجي ۾ انهن جو ڪمائي حال ٿيندو وڃي. ڏهين حڪومت ڪان مطالبو ڪيو ته تيل جي اڳهن ۾ فوري گهٽتائي ڪري اسان کي رليف ڏنو وڃي

بقايا عوامي سوچ 06

صوبر نيائي شامل آهن. جيڪي حادثي بعد رت ۾ لت پت ٿي ويا مقامي ماڻهن ۽ سوشل ورڪرن انساني همدردي جو مظاهرو ڪندي زخمين کي ترت طور تي اسپتال سجاول منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن طرفان کين فوري طبي امداد فراهم ڪئي وئي هوڏانهن ايمرجنسي سروس 1122 کي اطلاع ڏيڻ باوجود عملي جي غير سنجيده روي سبب دير ٿي، عملي طرفان مدد بدران سوالن جو سلسلو جاري رکيو ويو. جنهن ڪري زخمين کي وقت سر ريسڪيو نه ملي سگهيو ۽ هو تڪليف ۾ تڙپندا رهيا واقعي بعد شهرين ۽ سماجي حلقن پاران ايمرجنسي سروسز جي ڪارڪردگي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي سڌاري جو مطالبو ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 07

ريلي جي اڳواڻي عوامي تحريڪ ضلعي نائب صدر سرور رزاق ضلعي تعلقي صدر اسلم سمون، بلاول لاشاري، حنيف جانيارو، ڪامريڊ ايوب سمون ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ايران تي اسرائيل ۽ آمريڪا پاران ڪيل جارحيت عالمي امن کي سخت خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي هن چيو ته ملڪي حڪمران جي غلط معاشي پاليسين ۽ عالمي ماليائي ادارن جي دٻاءُ سبب پيٽرولريم شين جا اڳهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ مهانگائي، بيروزگاري ۽ غربت ۾ پوريهت طبقي جو معاشي قتل عام ٿي رهيو آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ڀيل مهانگائي ٿيڻ سان عام واهپي جي شين جون قيمتون غريب جي پهچ کان ٻاهر نڪري ويون آهن. حڪمران ملڪ ۾ بڪ ۽ بدحالي جو راڄ قائم ڪري عوام کي خودڪشين تي مجبور ڪري رهيا آهن. عوامي تحريڪ جي اڳواڻن عالمي برادري کان گهر ڪئي ته ايران تي ڪيل جارحيت کي فوري طور روڪيو وڃي ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي ٻه غلط ٿيڻ وچ ۾ ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي. ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 08

مٽان گڏيل مهيني جي 27 مارچ تي پيرل لند، مولا بخش لند، وحيد علي، غلام حسين، عنايت لند ۽ ٻين حملو ڪري اسان جي نوجوانن کي لٺيون، مڪون لوهي شيخون هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو، زخمين کي اين سي سپورٽ خداآباد ٿائي تي داخل ڪرائي ۽ مسلسل ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ چڪر لڳائي جو رخ ڪيو پر خداآباد پوليس اسان جو ڪيس داخل نه ڪيو پر اٿو خداآباد ٿاڻي تي اسان جي 6 ڄڻن مجيد لند، رحمت الله، ساجد علي، محمدصديق ۽ ٻين مٿان ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو. اسان جي مٿان حملو ڪندڙ اسان جي زرعي زمين تان 33 ٻوريون ڪڻڪ ۽ 4 ٻوريون سرنهن جون ٽريڪٽر ٽرالي تي ڪٽي ويا آهن. هن مخالف اسان کي مختلف ڪيس ۽ قاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، گوٺ مبارڪ لند ۾ اسان جي قديمي 25 ايڪڙ زمين موجود آهي زمين جي ۽ مخالفن جا گهر آهن. جيڪي هر فصل ۾ پنهنجو چوپايو مال ڇڏي چڙهي ٿا. جنهن سبب اسان جو لکين روپين جو تيار فصل تباهه ٿي وڃي ٿو بار بار منع ڪرڻ بعد هو اسان جي جان ۽ مال جي ويري بڻجي ويا آهن. پريس ڪانفرنس ۾ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته فوري داخل ڪيل ڪوڙو ڪيس ختم ڪري اسان تي ڪوڙو ڪيس ڪيس حملو ڪندڙن فصل ۾ روپين جو نقصان ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪري تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 09

ي ريلي ڪڍي وئي قاضي احمد پريس ڪلب نيشنل هاءِ وي تي مشاهد اسٽاپ وٽ نائين ۽ ڏهين جماعت جي امتحانن ۾ نقل جي خلاف استاد امير بخش چانديو استاد الله بخش چانديو، استاد سيد رحمان شاهه، استاد معشوق علي سولنگي ۽ والدين سان گڏ سين شاگردن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ساٽ مطالبن واري هائير سيڪنڊري اسڪول کان وٺي احتجاجي ريلي مارچ ڪندي گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول مشاهد وٽ پهتي، جتي سخت نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي استادن ۽ شاگردن چيو ته افسوس جي ڳالهه آهي ته سينٽر انتظاميه پاڻ جاني واڻي نائين ۽ ڏهين جماعت جي امتحانن ۾ سرعام ڪاپي ڪرائي رهي آهي. هنن چيو ته ڊيوٽي تي مقرر استاد ۽ انتظاميه پاڻ نقل ڪرائڻ ۾ ملوث آهن.

بقايا عوامي سوچ 10

۾ خاص مهمان ٿي جي ڪلچر آفيسر مصوري حبيب الله ميمڻ استاد فتح علي خان صنم ماروي سينئر صحافي ۽ آواز ٽي وي جي نيوز ڊائريڪٽر ناز سهتو سرگهه ريشما پروين ارباب احسان ٻڙ آهن جڏهن ته ٻيا گائي جي رسم استاد خان صاحب غلام رسول سمون ادا ڪري فقير انمول حيدري کي ڳائو بڌو ويندو ۽ سنڌ جا ڳاڙا وڏا فنڪار ٻڙ شريڪ ٿيندا جنهن ۾ مصطفي ڊاهري نياز پنهائي مريد حسين ٽانوري ۽ ٻيا ڪوڙ تالي وارا شاعر شرڪت ڪندا سازيندڙ ۽ تبلي نواز خان صاحب استاد عرفان سومن جلال چانڊيو جو شاگرد ڏولڪ نواز استاد الهجڙيو سمون. ۽ يڪتارو چيڙي جا هزارين شاگرد تيار ڪندڙ استاد الهداد خاصخيلي استاد محمد آچر استاد ناڪڻي حسيني ۽ ٻيا شرڪت ڪندا ۽ سنڌ جا بهترين فنڪار ممتاز مولائي فرح لاشاري طفيل سنجراڻي فقير اعجاز خاصخيلي علي ڏنو خاصخيلي روشن جسڪاڻي صنم علي . فوٽو خان اڻ عاشق نظاماڻي سچل منگي ۽ خاص ٻڙ مهمان ٿيندا. ان موقعي تي سياسي سماجي ڪاروباري ساهتي سوڪ سوسائٽي مت مانيت دوست ۽ اهڙيون ڪوڙ سارين شخصيتون شرڪت ڪندا ان موقعي تي ڪاٽيڻ پبڻ جو بندو بست ٻڙ ڪيو ويو آهي ۽ مهمانن فنڪارن کي تحفا ڏنا ويندا ان موقعي تي فقير انمول حيدري جي ڪاميابي جي لاءِ دعا پڻ ڪئي ويندي

بقايا عوامي سوچ 11

ل. ٺٽو ۽ بدين ضلعن ۾ سرڪاري ڪارڪردگي، ترقياتي منصوبن ۽ عوامي خدمتن جي بهتري بابت معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي ته ترقياتي اسڪيمون وقت سر مڪمل ڪيون وڃن، قيمتن تي ڪنٽرول رکيو وڃي، ناجائز قبضا ختم ڪيا وڃن ۽ سرڪاري زمين جي واپسي کي يقيني بڻايو وڃي ڪمشنر لينڊ رڪارڊ جي درستگي ۽ ڪمپيوٽرائيزيشن تي پڻ خاص زور ڏيندي چيو ته رڪارڊ ۾ شفافيت انتهائي ضروري آهي فياض حسين عباسي هدايت ڪئي ته صفائي سترائي جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي، ڪيليل مين هولز کي فوري طور بند ڪيو وڃي ۽ سلاٽر هائوسز جي باقاعده جاچ ذريعي صحت جا اصول لاڳو ڪرايا وڃن هن فائر سيفٽي آپشن ۽ ٻين حفاظتي قدمن تي به ڌيان ڏيڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ ڊيش بورڊ مانيٽرنگ سسٽم جي مؤثر استعمال تي زور ڏنو ويو ۽ چيو ويو ته روزاني بنياد تي ڪارڪردگي جو جائزو وٺي لاڳاپيل کاتن جي وچ ۾ بهتر رابطو قائم ڪيو وڃي جيئن عوامي مسئلن جو فوري حل ممڪن بڻائي سگهجي اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر سجاول زاهد حسين رند، ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر پاڪ ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنرز شريڪ ٿيا ۽ پنهنجي پنهنجي ڪارڪردگي بابت بريفنگ ڏني اجلاس بعد ويزنل ڪمشنر فياض حسين عباسي ميڊيا کي بريفنگ ڏيندي چيو ته سجاول ضلعي ۾ ڪيترائي ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا ويا آهن جنهن ۾ سجاول شهر جو ٻيل مين روڊ ٻه شامل آهي، جنهن جي بهتر سولوڻي ۽ مضبوطي سان شهر ۾ ٽريفڪ جي روانگي ۾ بهتري اچي رهي آهي

بقايا عوامي سوچ 12

سميجو ۽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿرپارڪر ڊاڪٽر ليڪراج سارنگاڻي سان گڏ بار ٿي پوليو کان بچاءُ جا قطرا پياري ضلعي ۾ 13 اپريل تائين هلندڙ پوليو مهم جو باقائدي افتتاح ڪيو ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگراڻي،ضلعي ڪائونسل ٿرپارڪر جي چيئرمين ڊاڪٽر غلام حيدر سميجو ۽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٿرپارڪر ڊاڪٽر ليڪراج سارنگاڻي جي اڳواڻي ۾ سول اسپتال ملني ڪان

بقايا عوامي سوچ 13

هارين، آبادگارن ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ سنڌ جي زرعي شعبي کي درپيش سنگين مسئلن تي ڳالهائيندي ڪانفرنس جي صدارت هاري آگواڻ عبدالرزاق ٿهيم ڪئي مقررن ڪانفرنس ۾ زراعت جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته صوبي جي معيشت جو وڏو دارومدار زراعت تي آهي، پر بدقسمتي سان حڪومتي سطح تي هارين کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. سيمينار ۾ عبدالغفار ٿهيم، حبيب الله جلباڻي، فقير محمد ڪهڙو، ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اڳواڻن ٻارهن نقطن تي مشتمل مطالبا پيش ڪيا ۽ چيو ته ڪڻڪ جي سرڪاري قيمت هڪدم طئه ڪري هارين کان خريداري ڪئي وڃي، هارين کي سستا ٻج ۽ ڀاڻ فراهم ڪيا وڃن ۽ پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي.

ڪري ٿي گهر ڀاتين کي رشتو ڏيو ...

جاگرتا واڪ/ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ صحت کاتي جي عملدارن، پي پي ايڇ آءِ سول اسپتال جي ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل عملي،ميڊيا ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جاگرتا واڪ/ ريلي جي پڄاڻي تي خطاب ڪندي ڊي سي ۽ ٻين چيو ته پوليو هڪ خطرناڪ مرض آهي جيڪو ٻارن کي حياتي ڀر لاءِ معذور بڻائي ڇڏي ٿو، ان ڪري هر ماءُ پيءُ جو فرض آهي ته هو پنهنجي ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا قطرا پياري انهن جو مستقبل محفوظ بڻائين. هنن چيو ته پوليو ٽيمون اسان جي گهر گهر اچي ٻارن کي قطرا پيارينديون، ان ڪري اسان سڀني کي ٽيمن سان ڀرپور تعاون ڪرڻ گهرجي.

جنهن خلاف اسان پرامن احتجاج ڪيو آهي هن وڌيڪ چتاءُ ڏيندي چيو ته اگر ڪاليج ڪلچر وارو عمل بند ته ڪيو ويو ته جرائم جي سنگينيت ختم نه ٿيو لاءِ اسان پنهنجو لاءِ عمل جوڙيندا سين ان موقعي تي هنن وزيراعظم شهباز شريف، وفاقي وزير تعليم، وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه، صوبائي وزير تعليم ۽ ڏپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد کان مطالبو ڪيو ته فوري طور نوٽيس وٺي نقل کي روڪيو وڃي ۽ ملوث انتظاميه ۽ استادن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي وڃي.

ڪانفرنس ۾ وڌيڪ چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن، جيڪي هارين جي حقن تي ڌاڪو آهن. هنن مطالبو ڪيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ کي رد ڪري زرعي زمين هارين ۾ ورهائي وڃي. دورو ڪيو ۽ لاڳاپيل آفيسرن سان رابطو ڪيو ان موقعي تي هنن جاويد علي شاهه جيلاني جي حڪمن تي تعلقي ڪنگري جي هر ڳوٺ جي ماڻهن سان ملي ڪري هلندڙ ڪمن جو جائزو ورتو ۽ اهو ڪم تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 14

ڪي منڪي پاڪس بيماري جو شڪ جي بنياد تي گمبٽ گسس ۾ قائم آئيسوليشن وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو آهي جڏهن ته گمبٽ گسس اسپتال ۾ منڪي پاڪس آئيسوليشن وارڊ ۾ مريض جي انگ وڌي وڃي ٿي. جڏهن ته انهي جو علاج جاري آهي جڏهن ته منڪي پاڪس وائرس تيزي سان پکڙجي رهي آهي

بقايا عوامي سوچ 15

. تفصيل موجب ڏڪري جي ساجي اڳواڻ ڪامريڊ صابر جروار احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ شاگردياڻين کي حراسان ڪرڻ جا واقعا وڌي رهيا آهن جيڪو انتهائي ڳڻتي جوڳو عمل آهي هن چيو ته شاگرداڻي ڊاڪٽر فهميده لغاري کي زهني ۽ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرداڻي هئي، جنهن جو مستقبل روشن هيو ڪامريڊ صابر جروار وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر فهميده لغاري جي موت کي خودڪشي قرار ڏيڻ بجاءِ ان معاملي جي مڪمل ۽ شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي، واقعو خودڪشي آهي يا قتل اهو هن سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ته واقعي جي جاچ ڪرائي وڃي ۽ ڊاڪٽر فهميده لغاري جي ڪيس جي جاچ ڪري جيئن واقعي جي پردن پٺيان لڪل حقيقت سامهون اچي سگهي، آندو وڃي ۽ متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي جيئن شديد صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 16

منعقد ڪيو تفصيل موجب بگهڙاڻيو لنڪ پير ڳوٺ ۾ ڊيسنٽ پبلڪ هائر سيڪنڊري اسڪول ڏاڪٽ نگر ۾ سالياني ايوارڊ جي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ استادن سميت شاگردن جيڪو شرڪت ڪئي، تقريب جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي هئي، پروگرام ۾ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ بهترين پوزيشن ڪندڙ شاگردن کي شاگرداڻين ۽ ايوارڊ ڊٺا ويا ۽ بهترين ڪارگردگي ماڻيندڙ استادن کي پڻ ايوارڊن سان نوازيو ويو پروگرام ۾ مختلف رانديون به ڪرايون ويون جن ۾ شاگردن هڪ ٻئي سان مقابلو ڪيو ڊيسنٽ پبلڪ هائر سيڪنڊري اسڪول ڏاڪٽر نگر جي ڊائريڪٽر حافظ اقبال ميمڻ چيو ته اهڙن پروگرامن ڪرڻ سان شاگردن جو جذبو پيش ٿيندو ۽ اسڪول جي پرنسپل عطاالله غيت سميت ٻين ايوارڊ حاصل ڪندڙ شاگردن کي مبارڪباد ڏني

بقايا عوامي سوچ 17

پس ايس پي متياري جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته منشيات فروشن ۽ ڏوهارين خلاف ڪاروائي جاري رهندي، هنن چيو ته متياري ضلعي ۾ ڪوبه اڙو نه ٿيندو رپورٽ موجب پوليس ٽيم سعيدآباد جو جرمن ضلع بالاخر ايس ايس پي متياري ڊاڪٽر فرخ علي ڪاٺي شاهه شيخ ڪامياب بڻائي ۽ ضلعي ڀر ۾ منشيات فروشن جي خلاف ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 18

ضمير حسين ڪانهر ايڪسيشن پبلڪ هيلٿ فائق احمد سومرو ڪي ٽهڪ جي هلندڙ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ۽ جهڙن ڪمن جي معيار کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ماڻهن کي بنيادي سهولتون ملي سگهن، ۽ ڪم جي رفتار ۾ تيزي آندي وڃي

بقايا عوامي سوچ 19

، جنرل سيڪريٽري گلڻ خان پنهور ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ايس ايس پي دادو صحافي برادري جي ڪردار کي ساراهيندي چيو ته ميڊيا معاشري جي اک ۽ آواز آهي، جيڪا عوام ۽ ادارن جي وچ ۾ مضبوط پل جو ڪردار ادا ڪري ٿي. ايس ايس پي دادو پريس ڪلب کي ڪڏهن ڪيو ۽ ميڊيا جي تحفظ لاءِ شفافيت، ميرٽ ۽ انصاف سان پوليس ڊپارٽمينٽ کي موثر بڻائڻ ۽ عوامي خدمت جي اصولن تحت ادارتي حڪمت عملي سان ڪم ڪري رهي آهي، عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ شفاف ڪارروائيون ڪيون وينديون، ان موقعي تي صحافين جي پيشيوراڻي معلومات ۽ پريس ڪلب جي مسئلن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي

بقايا عوامي سوچ 20

۽ راندين کي سهڻي ڪڏ ڪيو جائي، جڏهن ته شروعاتي ميچ ۾ مهمان خاص طور ميچ ۾ نيشنل پريس ڪلب بدين جي جنرل سيڪريٽري نعيم ميمڻ ۽ جامشورو ۽ ايل مهمان هدايت الله رستماڻي ، لالا قمير ميمڻ شرڪت ڪئي، آيل مهمانن ڪي دلچي دل آرگنائزنگ ڪميٽي پاران سنڌي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا ميچ کيڏندڙ ٽيمن هڪ ٻئي کي تمام ٽرف تائيز ڏنو ۽ بهترين ميچ ڪيڏيو جنهن دوران ويڙهيل شائقين تمام گهڻو لطف اندوز ٿيا

بقايا عوامي سوچ 21

ٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز جامشورو جي وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام الله اڃڻ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي، پروگرام جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي، هن موقعي تي يونيورسٽي جي پرو وائس چانسلر، ڊاڪٽر اڪرام الله اڃڻ ۽ ڊاڪٽر عبدالحفيظ مختلف موضوع تي ليڪچر ڏنا ويا ۽ مختلف اسٽيڪ هولڊرز شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 22

ي تحريڪ ضلعي نٽي جي جنرل سيڪريٽري شاهه محمد چانڊيو، انور پلاڃي، صدام چانڊيو، رحمان چانڊيو، هارون پلاڃي، عبيدالله

بقايا عوامي سوچ 23

مان برطرف ڪرڻ واري عمل خلاف جستجر ضلعي ٽنڊو الهيار ۾ مقامي پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو ويو. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن جستجر ضلعي نٽي جي جنرل سيڪريٽري اسد ڳوپانگ، رشيد درس، احمد سولنگي، زاهد ٻلارو، تمام سرڪي، اصغر شورو، اعجاز شورو، رحيم سرڪي جي اڳواڻي ۾ ڪري مين روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو. هنن چيو ته ڪرپٽ افسرن گهرجي حڪومت ۽ ڪلين جون ٽولن کي پاليو وڃي ٿو، جيڪو غير قانوني، غير آئيني ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي

بقايا عوامي سوچ 24

ول بلاڪ ميرپورخاص پريس مين حيدرآباد روڊ جو ٽرڪ هنيو وئي. بلاڪ جي مين روڊ مڪمل طور بلاڪ ٿي ويو ۽ گاڏين جون قطارون لڳي ويون. احتجاج ڪندڙن چيو ته شهر ۾ روڊن جي خراب حالت سبب عوام سخت پريشان آهي ۽ ڪيترن ئي حادثن ۾ ماڻهو زخمي ٿيا آهن. هنن مطالبو ڪيو ته فوري روڊ تعمير ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 25

منعقد ڪيو ويو ضلعي جي 18 ڪان وڌيڪ گهڻ گاڏين مقابلي ۾ حصو ورتو . ريس دوران گهڻ گاڏين جي وچ ۾ دلچسپ مقابلا ٿيا. گهڻ گاڏي هلائيندڙن پنهنجي صلاحيتن، رفتار ۽ بهترين ڪارگردگي جو مظاهرو ڪيو جنهن کي حاضرين تمام گهڻو ساراهيو ماحول تمام گهڻو دلچسپ ۽ ڏسڻ لائق هو جتي شهري پنهنجن فيملي سان گڏ آيا ۽ هن منفرد ۽ روايتي راند مان لطف اندوز ٿيا. ان موقعي تي اسپورٽس آفيسر واشديو مالهي چيو ته اهڙا روايتي ۽ ثقافتي مقابلا اسان جي ثقافت جو روايتي حصو آهن جن جي واڌارو نه رڳو صحتمند سرگرمين کي مضبوط ڪري ٿو پر نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ ۾ پڻ مدد ڪري ٿي. گهڻ گاڏي مقابلي ۾ سليم بلوچ پهرين پوزيشن، جاويد ٻگي ۽ بابر ٽئين پوزيشن حاصل ڪئي. آخر ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙن انعام ۽ سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. شهرين ۽ گهڻ گاڏي هلائيندڙن ريس جي ڪامياب انعقاد تي منتظمين کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته مستقبل ۾ به اهڙا پروگرام جاري رهندا.

بقايا عوامي سوچ 26

ٻنهي گهران ٻنهي پنهنجي مرضي موجب ميرپورخاص جي عدالت ۾ عدالت ۾ مقدمو موجب شادي ڪئي آهي اهڙي عمل تي منهنجا مائٽ مڃيرجي پيا آهن اهڙن ڪيس ۾ الزام هيٺ قتل ڪرڻ چاهين ٿا رميش پيل، پارو،جيون،ڏيالو ، سردارو ۽ ٻيا اسان کي قتل ڪرڻ لاءِ اسان جي ڳولا ڪري رهيا آهن خوف سبب دربدري واري زندگي گذاري ٿا مجبور بڻيل آهيون جائيل ماڻهن مان زندگين کي خطرو آهي شادي شده جوڙي واسليڊار اختياريين کان پر زور مطالبو ڪندي چيو ته ڪي معاملي جو نوٽيس وٺي زندگين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 27

۽ وائيس چيئرمين ۽ ٽائون چيئرمين خلاف تعبيرنگي ڪئي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي علي حسن خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته بچل باغ ڳوٺ کان اسماعيل شاهه تائين بنيادي سهولتن جي سخت کوٽ آهي ۽ علائقي جي نه بجلي جي باقاعده فراهمي آهي نه ئي ڪچري ڪڻ وارن جي سهولت، جڏهن ته سيوريج سسٽم مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪو آهي. گندي پاڻي جي نيڪال نه ٿيڻ سبب گهٽين ۽ رستا افراتفري جو منظر پيش ڪري رهيا آهن، جنهن جي ڪري ڳوٺاڻا سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن مقامي ماڻهن موجب لاڳاپيل اختيارين کي ڪيترن ئي درخواستون ڏيڻ باوجود ڪوبه عملي قدم نه کنيو ويو آهي. احتجاج ڪندڙن چيو ته گندي پاڻي ۽ صفائي جي ناقص انتظامن جي ڪري، جن جي افزائش وڌي رهي آهي، جنهن ڪري مليريا ۽ ڊينگي جهڙين خطرناڪ بيمارين جو خطرو وڌي ويو آهي. احتجاج دوران ماڻهن مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ بجلي ۽ گيس جي فراهمي کي فوري طور تي يقيني بڻايو وڃي، سيوريج سسٽم کي بحال ڪرڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ۽ علائقي جا چونڊيل نمائندا عوامي مسئلن حل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن مسئلا فوري طور تي حل نه ڪيا ويا ته اهي احتجاج جو دائرو وڌائيندا ۽ روڊ بلاڪ ڪرڻ سميت ٻيا وڌيڪ سخت قدم کڻندا، جنهن جي ذميوار لاڳاپيل اختيار هوندا. وڌيڪ تفصيل هن رپورٽ ۾

خان قريشي ضلع ميرپورخاص جي صدر ڪامريڊ نور محمد مري چيو ته جيڪڏهن جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. جڏهن ته سول سوسائٽي ميرپورخاص جي اڳواڻ واجد لغاري خطاب ڪندي چيو ته متاثر خاندان کي انصاف نه ملڻ تائين احتجاج جاري رهندو ۽ وڌيڪ سخت تحريڪ هلائي ويندي. ساڳي ريت سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلع ميرپورخاص جي صدر لالا اظهر پٺاڻ چيو ته جوابدارن کي قانون موجب سزا ڏني متاثرن سان انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج ۾ شدت آندي ويندي. ٻئي طرف شاگرديائي جي وارثن الزام هنيو ته واقعي ڪان اڳ پروفيسر ۽ ليڪچرار پاران شاگرديائي کي مسلسل هراسان ڪرڻ جهڙا معاملا سامهون آيا هئا. جڏهن ته پوليس تي به ڪوتاهي جو الزام لڳائيندي چيو ته سنڌ حڪومت طرفان نوٽيس وٺڻ باوجود حد پوليس عملو ٿاڻي تان غائب رهيو ۽ رات دير تائين ڊرڻ ۽ احتجاج جي باوجود ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي. جنهن سبب عوامي حلقن ۾ سخت ڳڻتي ۽ ڪاوڙ پکڙجي وئي آهي

سنڌي، ممتاز چانڊيو ۽ شاهد چانڊيو جي اڳواڻي ۾ ڪري هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي حڪمرانن جي عوام دشمن پاليسين، پيٽروليم شين جي اڳهن ۾ واڌ ۽ آمريڪي اسرائيلي عالمي سامراجي قوتن خلاف سخت نعريبازي ڪندي شاهه محمد چانڊيو، انور پلاڃي ۽ ٻين چيو ته حڪمران جنگ جي بهاني بنيادي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ ڪري غريب عوام جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي. هنن چيو ته هر روز اڳهن ۾ واڌ ناهي ته پهرين ئي غربت ۽ مهانگائي جي ور چڙهيل عوام کي وڌيڪ بدحالي ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي. هنن چيو ته حڪمران ڪي ملڪ جي عوام کان وڌيڪ عالمي تيل ڪمپنين، آءِ ايم ايف، ورلڊ بئنڪ، آمريڪي ۽ اسرائيلي مفادن جي پرواهه آهي، هنن چيو ته ايران جنگي حالتن باوجود پنهنجي عوام تي تيل جو بار نه وڌو ويو آهي جڏهن ته هتي حڪمران رڳو بهانا ڳولي عوام تي بار وجهي رهيا آهن. حڪومت طرفان سبسڊي جي نالي تي عوام کي بار وڌڻ پيدا ڪيو وڃي، موٽر سائيڪل سوارن لاءِ اعلان ڪيل ٻه هزار روپين جي سبسڊي سڪ مذاق آهي. جڏهن ته مهانگائي هزارين روپيا عوام جي کيسن مان ڪڍي چڪي آهي. هنن آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان ايران خلاف ڪارروائي ۽ ڌمڪي ۽ ڌاڙائي جي سخت مذمت ڪندي ايران سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو. هنن چيو ته آمريڪا سامراج دنيا ۾ تڪرار ۽ جنگين کي هٿي ڏئي رهيو آهي، جنهن سبب بيگناهه ماڻهو متاثر ٿي رهيا آهن. هنن چيو ته ان جي مهانگائي سبب عام ماڻهو سخت متاثر ٿيو آهي، پيٽرول ۽ ڊيزل جي اڳهن ۾ واڌ سان روزمره جي استعمال جون شيون وڌيڪ مهانگيون ٿي رهيون آهن. جڏهن ته مزدور، هاري ۽ غريب ۽ مزدور طبقي تي پيڇي رهيو آهي. هنن حڪومت ڪان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ ڪيل واڌ واپس ورتي وڃي. هنن چيو ته سبسيڊي ضروري شيون سستي ڪري عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي

دورو ڪيو ۽ لاڳاپيل آفيسرن سان رابطو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن جاويد علي شاهه جيلاني جي حڪمن تي تعلقي ڪنگري جي هر ڳوٺ جي ماڻهن سان ملي ڪري هلندڙ ڪمن جو جائزو ورتو ۽ ڳوٺ ڪو ترقياتي ڪم رهجي ويو آهي ته اهو به جلد ڪرايو ويندو.

ڪانفرنس ۾ وڌيڪ چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن جيڪي هارين جي حقن تي ڌاڪو آهن... خطرناڪ ثابت ٿي سگهن ٿا ۽ ڪسانن جي معيشت تي زرعي پيداوار کي به نقصان پهچندو. هنن چيو ته ڪسانن ۾ ٻج ۽ ڀاڻ جي قيمتن ۾ واڌ ڪري هارين کي مٿان بار وڌو پيو وڃي.

جيڪڏهن ڪي مسئلا حل نه ڪيا ويا ته سنڌ جي مختلف علائقن ۾ احتجاجي تحريڪ جو آغاز ڪيو ويندو.

...ملزمان ۽ اغوا ٿيل ... سنڌ ۽ سرڪاري سطح تي ... کي سخت نقصان پهچايو.

اوڏيرولال اسٽيشن ۽ ان جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ ارڙي جي وبا تيزي سان پکڙجڻ لڳي

آسمه ڌي. عزيزالله.. عبيدالله ولد عزيزالله. کي ارڙي ظاهر ٿي آهي اميد ڌي خدابخش چنو سميت ٻيا ڪيترائي معصوم ٻارڙا بخار ۾ مبتلا ٿي ويا آهن

بيماري جا ڪيس وڌندا پيا وڃن پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته ضلعي انتظاميه ۽ صحت کاتو مڪمل طور بي خبر ويٺل آهن

نوٽيس وٺي جلد ڳوٺن ۾ ٽيمون موڪلي معصوم ٻارڙن جو سرڪاري سطح تي علاج شروع ڪيو وڃي جيئن معصوم ٻارڙن کي موذي مرض بچائي سگهجي

اوڏيرولال (رپورٽ منور هنگورو) اوڏيرولال اسٽيشن ۽ ان جي آسپاس وارن ڳوٺن ۾ ارڙي جي وبا تيزي سان پکڙجڻ لڳي ڳوٺ پيراڻو چنو ۾ ارڙي جا ڪيس ظاهر. ڳوٺاڻن خليل چنو موجب. آسمه ڌي. عزيزالله.. عبيدالله ولد عزيزالله. کي ارڙي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

اوڏيرولال. ارڙي ۾ مبتلا معصوم ٻارڙا

غلام الله لڳ پروسر ڪالوني ڳوٺ سليمان ٻرڙو رهواسي هادي بخش ٻرڙو پريس ڪلب غلام الله پهچي احتجاج

رات نامعلوم چوپائي مال جا چور ڳوٺ ۾ داخل ٿي ٻه پلوڙ مينهون کائي فرار ٿي ويا

چوپائي مال جي چورن رڻ ٻاري ڏنو آهي اهڙو اطلاع غلام الله پوليس کي پڻ ڏنو ويو آهي پر پوليس پاران ڪا اڳيرائي نظر نه اچي سگهي آهي

هڪ مهيني ۾ اها ٽين واردات آهي ان کان اڳ ۾ ان هڪ مينهن ۽ گيتو نامعلوم چور چوري ڪري فرار ٿي ويا

غلام الله(رپورٽ بابو جان هنگورجو) غلام الله لڳ پروسر ڪالوني ڳوٺ سليمان ٻرڙو رهواسي هادي بخش ٻرڙو پريس ڪلب غلام الله پهچي صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته رات نامعلوم چوپائي مال جا چور ڳوٺ ۾ داخل ٿي ٻه پلوڙ مينهو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

محمد بچل سولنگي جو فرزند ٽائون ملازم يونين اڳواڻ رضوان سولنگي لاڏاڻو ڪري ويو

رضوان سولنگي گهڻو عرصو بيماري ۾ مبتلا رهڻ بعد زندگيءَ جي جنگ هارائي ويو

علي اصغر ميمڻ، وحيد رمضان جوڻيجو، محراب خاصخيلي، سليم وادو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر ۽ سنڌي ادبي سنگت جو متحرڪ اڳواڻ محمد بچل سولنگي جو فرزند ٽائون ملازم يونين/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

ملڪي سلامتي تي سني رابطه ڪائونسل ضلع ميرپورخاص جو موقف

سني رابطه ڪائونسل ضلع ميرپورخاص جي اهتمام هيٺ مدينه مسجد کان مارڪيٽ چوڪ تائين "پاڪستان زنده باد ريلي" ڪڍي وئي

ايران، اسرائيل ۽ آمريڪا جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ ۽ ايران طرفان عرب ملڪن تي حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا

ايران پاران پاڙ عرب ملڪن جي خودمختاري ۾ مداخلت ناقابلِ قبول آهي، جنهن سان امتِ مسلمه ڪمزور ٿي رهي آهي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومار سميجو) ملڪي سلامتي تي سني رابطه ڪائونسل ضلع ميرپور خاص جو موقف سني رابطه ڪائونسل ضلع ميرپورخاص جي اهتمام هيٺ مدينه مسجد کان مارڪيٽ چوڪ تائين "پاڪستان زنده باد ريلي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

اڏيرولال ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لاٿ نه ڪرڻ خلاف چنگچي ڊرائيورن جو احتجاج

اسان جو گذر سفر چنگچي رڪشن ذريعي آهي. تيل جي اگهن ۾ واڌ سبب اسان بيروزگار ٿي ويا آهيون

اڳ اسان اسڪولي شاگردن کي مفت ۾ ڪٺي ايندا ويندا هئاسين هاڻ اسڪولي ٻارڙن کي ڪير ڪڻ لاءِ تيار ناهي

نتيجي ۾ انهن جو تعليم تباهه ٿي رهيو آهي. وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته تيل جي اگهن ۾ فوري گهٽتائي ڪري اسان کي رليف ڏنو وڃي

اوڏيرولال (رپورٽ منور هنگورو) اڏيرولال ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لاٿ نه ڪرڻ خلاف چنگچي ڊرائيورن وسيم موريجو بچايو پنجارو ۽ ٻين اسڪولي شاگردن سان گڏجي احتجاج مظاهرو ڪندي چيو ته اسان جو گذر سفر چنگچي رڪشن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

سجاول بائي پاس پٽي روڊ پرسان ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ اوچتو ٽڪر ٿيڻ سبب هڪ ئي ڪٽنب جا ٽي ڄڻا سخت زخمي

زخمين ۾ ميرپور بٺورو واسي لاشاري برادري جو نوجوان، سندس گهرواري ۽ معصوم نياڻي شامل آهن

جيڪي حادثي بعد رت ۾ لت پت ٿي ويا مقامي ماڻهن ۽ سوشل ورڪرن انساني همدردي جو مظاهرو ڪندي زخمين کي ترت سول اسپتال سجاول منتقل ڪيو

ايمرجنسي سروس 1122 کي اطلاع ڏيڻ باوجود عملي جي غير سنجيده رويي سبب دير ٿي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول بائي پاس پٽي روڊ پرسان ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ اوچتو ٽڪر ٿيڻ سبب هڪ ئي ڪٽنب جا ٽي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا زخمين ۾ ميرپور بٺورو واسي لاشاري برادري جو نوجوان، سندس گهرواري ۽ مع/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

عوامي تحريڪ تعلقي ڪيٽي بندر پاران ٻگهاڻ شهر ۾ هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ريلي جي اڳواڻي عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جي صدر رزاق چانڊيو، تعلقي صدر اسلم سمون، بلاول لاشاري، حنيف جانيارو، ڪامريڊ ايوب سهتو ۽ ٻين ڪئي

ايران تي اسرائيل ۽ آمريڪا پاران ڪيل جارحيت عالمي امن کي سخت خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي

ملڪي حڪمرانن جي غلط معاشي پاليسين ۽ عالمي مالياتي ادارن جي دٻاءُ سبب پيٽروليم شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن

ڪيٽي بندر (رپورٽ: خليفو نادر علي) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ لڳاتار واڌ. وڌندڙ مهانگائي ۽ ايران تي اسرائيل توڙي آمريڪا جي جارحيت خلاف عوامي تحريڪ تعلقي ڪيٽي بندر پاران ٻگهاڻ شهر ۾ هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

دادو پرسان ڳوٺ مبارڪ لنڊ جي رهواسين دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو

اسان جي تيار ڪٽڪ جي فصل ۾ ٽريشر هلندي، مخالفن پاران ٻڪريون ڇڏيون ويون

اسان جي ٻن نوجوانن کي لٺيون، مڪون لوهي شيخون هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جنهن جي اين سي رپورٽ خدا آباد ٿاڻي تي داخل ڪرائي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو پرسان ڳوٺ مبارڪ لنڊ جي رهواسين دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي سجاد لنڊ، رحمت لنڊ، الله بخش لنڊ، مختيار لنڊ، نهال خان لنڊ، مجيد لنڊ ۽ ٻين چيو ته اسان جي تيار ڪٽڪ جي فصل ۾ ٽريشر هلندي، مخالفن پاران ٻڪريون ڇڏيون ويون پيل کان منع ڪرڻ تي اسان جي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

سنڌ جي شهر مشائخ ۾ نائين ۽ ڏهين جماعت جي امتحانن دوران نقل (ڪاپي ڪلچر) کي روڪڻ لاءِ احتجاج

شاگردن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ساٿ پبلڪ هائير سيڪنڊري اسڪول کان وڏي احتجاجي ريلي

ريلي نيشنل هاءِ وي تي مارچ ڪندي گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول مشائخ وٽ پهتي، جتي سخت نعريبازي

قاضي احمد(رپورٽ ڄام عرفان لاکو) سنڌ جي شهر مشائخ ۾ نائين ۽ ڏهين جماعت جي امتحانن دوران نقل (ڪاپي ڪلچر) کي روڪڻ لاءِ وڏي انگ ۾ شاگردن، استادن ۽ والدين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي سينٽر انتظاميه خلاف احتجاج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ضمير حسين ڪانهر ايڪسين پبلڪ هيلٿ کي ساڻ ڪري هلندڙ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ويو

تعلقي ڪنگري جي يوسي نور پور جي ڳوٺ گوگهي مگٽيجا ۾ سولر ڊرينيج ڊسپوزل جو دورو ڪيو

موڪليل ٽيم پاران ٻين ڳوٺن ۾ به هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جو دورو ڪيو ۽ لاڳاپيل آفيسرن سان رابطا ڪيا ويا

احمدپور (رپورٽ سرفراز علي ميتلو) پاڪستان پيپلز پارٽي ايم اين اي سيد جاويد علي شاه جيلاني جي حڪم تي سنڌس پرسنل سيڪريٽري/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

عوامي پريس ڪلب اڏيرولال اسٽيشن جي صحافين جي ايس ايس پي مٽياري سان ملاقات

منشيات فروشن ۽ ڏوهارين خلاف ڪارروائي تيزي سان جاري آهن

صرف مٽياري نه پر سموري سنڌ ۾ پوليس نفري جي کوٽ آهي

اوڏيرولال (رپورٽ منور هنگورو) عوامي پريس ڪلب اڏيرولال اسٽيشن جي صحافين جي ايس ايس پي مٽياري عبدالعليم بلو سان ملاقات ان دوران ا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ڊيسنٽ پبلڪ هائر سيڪنڊري اسڪول ڏاتار نگر پيرجو ڳوٺ ۾ ساليانه رزلٽ جي حوالي سان پروگرام منعقد

سيد ابراهيم شاه عبدالحفيظ ولهاري ميڊم شيم ميمڻ سميت ٻئين استادن شرڪت ڪئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽو لڳ پيرجو ڳوٺ ۾ ڊيسنٽ پبلڪ هائر سيڪنڊري اسڪول ڏاتار نگر پيرجو ڳوٺ ۾ ساليانه رزلٽ جي حوالي سان پروگرام/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ذهين شاگرديائڻين کي حراسان ڪري قتل ڪرڻ واري عمل خلاف احتجاج

سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ شاگرديائڻين کي حراسان ڪرڻ جا واقعا وڌي رهيا آهن

شاگرديائڻي ڊاڪٽر فهميده لغاري هڪ ذهين ۽ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائڻي هئي

ڏوڪري(رپورٽر) سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ذهين شاگرديائڻين کي حراسان ڪري قتل ڪرڻ واري عمل خلاف ڏوڪري ۾ سماجي اڳواڻ جو احتجاج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

گمبٽ ۾ منڪي پاڪس وائرس تي ضابطو نه اچي سگهيو

ميمونا کي منڪي پاڪس بيماري ۾ شڪ جي بنياد تي گمبٽ گمس ۾ قائم آئيسوليشن وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو

گمبٽ گمس اسپتال ۾ منڪي پاڪس آئيسوليشن وارڊ ۾ مريضن جو انگ وڌي چار ٿي ويو

گمبٽ (رپورٽر علي بخش گوپانگ) گمبٽ ۾ منڪي پاڪس وائرس تي ضابطو نه اچي سگهيو وڌيڪ هڪ 17 ڏينهن جي چاول معصوم ٻارڙي ميمونا / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

سنڌي هاري تحريڪ جي سڏ تي نئون ڪوٽ ۾ هاري آبادگار ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي

جنهن ۾ علائقي جي هارين، آبادگارن ۽ سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪانفرنس ۾ سنڌ جي زراعت کي درپيش سنگين مسئلن تي ڳڻتي ظاهر

نئون ڪوٽ (رپورٽ نويد ٻجير) سنڌي هاري تحريڪ جي سڏ تي نئون ڪوٽ ۾ هاري آبادگار ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علائقي جي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ڊي سي ٿرپارڪر پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پياري ضلعي ۾ 13 اپريل کان شروع ٿيندڙ انسداد پوليو مهم جو باقائدي افتتاح

ڊاڪٽر ليکراج سارنگاڻي جي اڳواڻي ۾ سول اسپتال مٺي کان جاڳرتا واڪ/ ريلي ڪڍي وئي

ڊاڪٽرن، پيرا ميڊيڪل عملي، ميڊيا ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

مٺي (ڊ.ر محمد رحيم مگريو) ڊي سي ٿرپارڪر عبدالحليم جاڳيراڻي اڄ سول اسپتال ۾ ضلعي ڪائونسل ٿرپارڪر جي چيئرمين ڊاڪٽر غلام حيدر / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي جي صدارت هيٺ دربار هال سجاول ۾ اهم اجلاس منعقد

ترقياتي منصوبن ۽ عوامي خدمتن جي بهتري بابت معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

ترقياتي اسڪيمون وقت سر مڪمل ڪيون وڃن، قيمتن تي ڪنٽرول رکيو وڃي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي جي صدارت هيٺ دربار هال سجاول ۾ اهم اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ سجاو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

سنگر فقير انمول حيدري جي ڳاني جي رسم 15 اپريل اربع جي ڏينهن سنڌ ميوزيم هال ۾ رکي وئي

صنم ماروي سينئر صحافي ۽ آواز ٽي وي جو نيوز ڊائريڪٽر ناز سهتو سنگر ريشما پروين ارباب احسان پڻ آهن

اها ڳاني جي رسم استاد خان صاحب غلام رسول سمون ادا ڪري فقير انمول حيدري کي ڳانو ٻڌو ويندو

گمبٽ (رپورٽر) سنڌ جي مشهور سنگر فقير انمول حيدري جي ڳاني جي رسم 15 اپريل اربع جي ڏينهن سنڌ ميوزيم هال ۾ رکي وئي آهي جنهن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

دادو: ايس ايس پي دادو جي دادو پريس ڪلب جي صحافين سان تعارفي ملاقات، گڏيل تعاون ۽ مثبت لاڳاپن کي فروغ ڏيڻ تي زور

جنهن ۾ صدر پريس ڪلب نظام شيخ، نائب صدر سرور جلال سولنگي، جنرل سيڪريٽري گلڻ خان پنڊ جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي

ميڊيا معاشري جي اک ۽ آواز آهي، جيڪا عوام ۽ ادارن جي وچ ۾ مضبوط پل جو ڪردار ادا ڪري ٿي

عوامي خدمت جي اصولن تحت اثرائتي حڪمت عملي سان ڪم ڪري رهي آهي: ايس ايس پي دادو صحافين کي آگاهي

دادو(رپورٽ: محمد رفيق چنه) ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (رٽائرڊ) صدام حسين خاصخيلي جي دادو پريس ڪلب جي صحافين سان ايس ايس پي آفيس دادو ۾ تعارفي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ صدر پريس ڪلب نظام شيخ، نائب صدر سرور جلال سولنگ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

دادو: دادو ايس پي سان پريس ڪلب جي صحافين جي اهم تعارفي گڏجاڻي

شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي ياد ۾ ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ جو انعقاد ڪيو ويو

ٽورنامنٽ جو چيف آرگنائيزر ذوالفقار عرف ذلفي دل ۽ عمران بلوچ هئا جن سڄو ماحول جوڙيو ٽيمن ۽ رانديگرن کي سهيڙي گڏ ڪيو

نعيم ميمڻ ۽ ڄامشورو کان آيل مهمان هدايت الله رستماڻي ، لالا فهيم ميمڻ شرڪت ڪئي

آيل مهمانن کي ذلفي دل آرگنائزنگ ڪميٽي پاران سنڌي اجرڪن جا تحف پيش ڪيا ويا

بدين (رجب راهمون) بدين سان تعلق رکندڙ سنڌ جي نالي واري شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي ياد ۾ ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ جو انعقاد ڪيو ويو ٽورنامنٽ جو چيف آرگنائيزر ذوالفقار عرف ذلفي دل ۽ عمران بلوچ هئا جن سڄو ماحول جوڙيو ٽيمن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

لياقت انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز ٺٽو ۾ عيد ملن پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو

هلٿ سائنسز ڄامشورو جي وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام الله اڄڻ خاص مهمان طور شرڪت

محمد سرور خان سميت سيني فيڪلٽي ميمبرن ۽ سپورٽنگ اسٽاف وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) لياقت انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز ٺٽو ۾ عيد ملن پارٽي جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن ۾ لياقت يونيورس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

عوامي تحريڪ جهمپير يونٽ طرفان جنگ توڙي مهنگائي خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو

عوام دشمن پاليسين، پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ توڙي آمريڪي اسرائيلي عالمي سامراجي قوتن خلاف سخت نعريبازي

حڪمرانن جنگ جو بهانو بڻائي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ ڪري غريب عوام جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي

حڪمرانن کي ملڪ جي عوام کان وڌيڪ عالمي تيل ڪمپنين، آءِ ايم ايف، ورلڊ بينڪ، آمريڪي ۽ اسرائيلي مفادن جي پرواهه آهي

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) عوامي تحريڪ جهمپير يونٽ طرفان تيل جي قيمتن ۾ ڪيل هٿرادو ڳاٽي توڙ واڌ توڙي آمريڪا ۽ اسرائيل پاران ايران مٿان مڙهيل جنگ توڙي مهنگائي خلاف هڪ احتجاجي مظاهرو جهمپير بائي پاس چوڪ تي عوام/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

جسقم ضلعي ٺٽي طرفان متاثر مقامي پورهيتن سان گڏ ٽپال ونڊ انرجي ڪمپني جي مين گيٽ آڏو هڪ احتجاجي مظاهرو

اصغر شورو، رحيم سرڪي جي اڳواڻي ۾ ڪري مين گيٽ آڏو ننهڻ اس ۾ چئن ڪلاڪن تائين ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي

ٺٽي جي ڪوهستاني پٽي ۾ قائم ملڪي توڙي غير ملڪي ونڊ پاور ڪمپني جي انتظاميه مقامي ماڻهن کي نه بنيادي سهولتون مهيا ٿي ڪري

نئي ڪو بهتر روزگار ٿي فراهم ڪري CRC فنڊ به مقامي ماڻهن جي بهتري لاءِ خرچ نٿا ڪيا وڃن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ٺٽي جي ڪوهستاني پٽي ۾ قائم ٽپال ونڊ انرجي ڪمپني پاران مقامي ماڻهن کي بنيادي سهولتن ۾ نظر انداز ڪري مقامي پورهيتن کي بيروزگار ڪرڻ سميت پورهيت غفار سرڪي ۽ عارب سرڪي کي نوڪري/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ميرپورخاص ۾ سماجي حلقن پاران شاگرديائڻي ڊاڪٽر فهميده لغاري جي مبينا خودڪشي واري واقعي خلاف سخت احتجاج

ايف آءِ آر ۾ نامزد جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ۽ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي

جيڪڏهن جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

متاثر خاندان کي انصاف نه ملڻ تائين احتجاج جاري رهندو ۽ وڌيڪ سخت تحريڪ هلائي ويندي

ميرپورخاص(بيوروچيف سومار سميجو) ميرپورخاص ۾ شاگرد تنظيمن، سياسي ۽ سماجي حلقن پاران نجي ميڊيڪل ڪاليج جي شاگرديائڻي ڊاڪٽر فهميده لغاري جي مبينا خودڪشي واري واقعي خلاف سخت احتجاج ڪندي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

سنڌ حڪومت پاران ٿيئن ميرپورخاص روايتي گڏهه گاڏي ريس 2026 منعقد

ضلعي جي 18 کان وڌيڪ گڏهه گاڏيون مقابلي ۾ حصو ورتو. ريس دوران گڏهه گاڏين جي وچ ۾ دلچسپ مقابلا ٿيا

گڏهه گاڏي هلائيندڙن پنهنجي صلاحيتن، رفتار ۽ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو

جنهن کي حاضرين تمام گهڻو ساراهيو ماحول تمام گهڻو دلچسپ ۽ ڏسڻ لائق هو جتي شهري پنهنجن فيملي سان گڏ آيا

ميرپورخاص(بيوروچيف سومار سميجو) سنڌ حڪومت پاران ٿيئن ميرپورخاص روايتي گڏهه گاڏي ريس 2026 جمڙاو ڪينال ٽنڊو آدم روڊ کان شهيد ذوالفقار علي ڀٽو اسپورٽس ڪمپليڪس (پي سي بي گرائونڊ) ميرپورخاص تائين/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ميرپورخاص جي پيپل ڪالوني واسڻ سونيا پيپل پنهنجي مڙس گلاب پيپل سان گڏجي احتجاج

پيار جو پرڻو ڪرڻ بعد مائٽ زندگين جا دشمن بڻجي ويا آهن تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ڄاڻايل ماڻهن مان زندگين کي خطرو آهي شادي شده جوڙي واسطيدار اختيارين کان پرزور مطالبو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومار سميجو) پيار جو پرڻو ڪرڻ بعد مائٽ زندگين جا دشمن بڻجي ويا آهن تحفظ فراهم ڪيو وڃي اهڙو اظهار ميرپورخاص جي پيپل ڪالوني واسڻ سونيا پيپل پنهنجي مڙس گلاب پيپل سان گڏ عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ت گلاب پيپل سان محبت ڪندي آهيان پر مائٽ سائنس شادي ڪرائڻ لا راضي نه هئا جنهن ڪري اسان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

ڪراچي ۾ علائقي جي رهواسين گڏاپ ٽائون جي مراد ميمڻ يونين ڪميٽي جي بچل با غ ڳوٺ ۾ احتجاج

بچل با غ ڳوٺ کان اسماعيل شاهه تائين بنيادي سهولتن جي سخت کوٽ آهي

گندي پاڻي جي نيڪال نه ٿيڻ سبب گهٽيون ۽ رستا افراتفري جو منظر پيش ڪري رهيا آهن

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي ۾ علائقي جي رهواسين گڏاپ ٽائون جي مراد ميمڻ يونين ڪميٽي جي بچل با غ ڳوٺ ۾ واقع سائين اسماعيل شاهه درگاهه جي سامهون احتجاج ڪيو احتجاج ۾ وڏي تعداد ۾ مرد، عورتون ۽ بزرگ شرڪت ڪئي / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27